ABC Certified
REG NO. 3833
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 11 مارچ 2024 ع بمطابق 29 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 286

وزيراعظم شهباز شريف رمضان رليف پيڪيج جي رقم ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي

وڏ کان وڏ غريب ۽ حقدار ماڻهن تائين رليف پيڪيج پهچائڻ جي هدايت، جنهن تحت يوٽيليٽي اسٽورن ۽ بي آءِ ايس پي سان گڏ هاڻ موبائل يونٽس به ڪاڌي پيتي جون شيون ڏيندا

شروعاتي طور تي 1200 موبائل پوائنٽس ۽ 300 مستقل پيڪيج رليف مرڪز قائم ڪيا پيا وڃن، پهرين رمضان کان عيد تائين رليف پيڪيج ۾ عام بازار کان گهٽ اگهه تي شيون ڏنيون وينديون

مقرر جاين ڪانسواءِ مختلف علائقن ۾ غريب عوام کي ٽرڪن ذريعي سستيون شيون پهچايون وينديون، ان ڪانسواءِ موبائل ايپ جي استعمال جي رهنمائي لاءِ خاص وڊيو به جاري ڪئي ويندي

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي وارو ڊيش بورڊ جوڙيو پيو وڃي ته جيئن موبائل اٽي جي وڪري جي نگراني ٿي سگهي، موبائل يونٽس جي هڪ کان ٻئي هنڌ منتقلي دوران اٽي جي فراهمي جاري رهندي

خاص پيڪيج تحت 3 ڪروڙ 96 لک خاندانن کي رمضان ۾ سستي اگهن تي ڪاڌي پيتي جون شيون ڏنيون وينديون ۽ رمضان رليف پيڪيج تحت حقدارن کي بازار کان 30 سيڪڙو سستيون شيون ڏنيون وينديون

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف رمضان مهيني ۾ عوام لاءِ خاص پيڪيج جي رقم ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي. وزيراعظم رمضان رليف پيڪيج جو ڪاٿو ساڍا 7 ارب روپين مان وڌائي ساڍا 12 ارب روپيا ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڳڌو ڳڌ رمضان رليف پيڪيج جو دائرو به وڌائڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم وڏ کان وڏ غريب ۽ حقدار ماڻهن تائين رليف پيڪيج پهچائڻ جي هدايت ڪئي آهي، جنهن تحت يوٽيليٽي اسٽورن ۽ بي آءِ ايس پي سان گڏ هاڻ موبائل يونٽس به ڪاڌي پيتي جون شيون ڏيندا. شروعاتي طور تي 1200 موبائل پوائنٽس ۽ 300 مستقل پيڪيج رليف مرڪز قائم ڪيا پيا وڃن. پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وزيراعظم شهباز شريف (فائل فوٽو)

ڪي پي ڪي کي هڪ هزار ارب قرض ڏيڻ جو ڏوهه توهان قبول ڪيو: ن ليگ ترجمان

پشاور (م ر) مسلم ليگ (ن) خيبرپختونخواهه جي ترجمان اختر ولي خان وڏي وزير جي تقرير تي رد عمل ڏيندي چيو ته هن خيبرپختونخواهه کي هڪ هزار ارب روپيا قرض ڏيڻ جو اعتراف ڪيو آهي ... خيبرپختونخواهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آصف زرداري ملڪ جي 14 هين صدر طور پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو

حلف برداري تقريب ايوان صدر ۾ ٿي، وزيراعظم شهباز شريف، اڳوڻي صدر عارف علوي، ن ليگ قائد نواز شريف، اسپيڪر اياز صادق، بلاول ڀٽو، بختاور ڀٽو ۽ آصفه ڀٽو زرداري شريڪ ٿيا

جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي چيئرمين جنرل ساحر شمشاد مرزا به تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته صوبائي گورنر ۽ پرڏيهي سفارتڪار به شريڪ ٿيا، ايوان صدر ۾ جيئي ڀٽو جا نعرا

چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ نئين چونڊيل صدر کان حلف ورتو، حلف کان اڳ آصف زرداري کي صدارتي پروٽوڪول ۽ سيڪيورٽي ڏني وئي، اهم سامان ايوان صدر منتقل

چيني صدر جون آصف زرداري کي صدر چونڊجڻ تي واڌايون، پاڪ چين پراڻي دوستي، تاريخ ۽ عوام جو خزانو آهي، سٺا دوست، ڀائيواري، ڀائيوار ۽ ڀائر آهيون: شي جن پنگ

ٻنهي ملڪن سي پيڪ جي تعمير ۾ هاڪاري نتيجا حاصل ڪيا، مختلف شعبن ۾ عملي سهڪار اڳتي وڌائڻ لاءِ صدر زرداري سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

آصف زرداري انگريزي زبان ۾ حلف کنيو، حلف کڻڻ کانپوءِ ايوان صدر ۾ آيل مهمانن جي چانهه ۽ پيسٽري جي تواضح، تقريب جي پڄاڻي تي صدر زرداري ۽ وزيراعظم انفرادي طور تي مهمانن سان هٿ ملايو

اسلام آباد (م ر) پاڪستان جي 14 هين صدر آصف علي زرداري پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو. حلف برداري تقريب ايوان صدر ۾ ٿي، جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف، اڳوڻي صدر عارف علوي، ن ليگ قائد نواز شريف، قومي اسيمبلي اسپيڪر اياز صادق، بلاول ڀٽو، بختاور ڀٽو، آصفه ڀٽو زرداري شريڪ ٿيا. ان ڪانسواءِ جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي چيئرمين جنرل ساحر شمشاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ صدر آصف علي زرداري کان حلف وٺي رهيو آهي

صدر جي حلف برداري تقريب ۾ آرمي چيف جي نواز ۽ بلاول سان مختصر ملاقات

حلف برداري کانپوءِ آرمي چيف ۽ سروسز چيفس آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي مبارڪباد ڏني

حلف برداري واري تقريب کانپوءِ چيف جسٽس لابي ۾ بلاول ڀٽو زرداري سان ڳالهه ٻولهه ڪئي

خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور به دعوت ملڻ باوجود تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي

اسلام آباد (م ر) نئين چونڊيل صدر آصف زرداري جي حلف برداري واري تقريب صدر هائوس جي دربار هال ۾ ٿي، جنهن ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کانئس حلف ورتو. وزيراعظم نئين چونڊيل صدر جي ساڄي پاسي واري پهرين سيٽ تي موجود هو ۽ صدر عارف علوي کاٻي پاسي واري پهرين سيٽ تي موجود هو. تقريب ۾ آرمي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدارتي حلف جي تقريب ۾ شريڪ سياسي ۽ عسڪري شخصيتون موجود آهن

پنهنجي سياسي مستقبل جي رٿابندي ڪري ورتي آهي: ڪاڪڙ

نگران حڪومت ۾ فواد حسن فواد، محمد علي ۽ نائتي واري وزير شمشاد اختر جي ڪارڪردگي بهترين هئي

عالمي دوري دوران مون کي رڳو تاريخون تحفي طور ملنديون هيون، نئين پارٽي ناهي سگهان ٿو

اسلام آباد (ويب رپورٽ) اڳوڻي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته هن پنهنجي سياسي مستقبل جي رٿابندي ڪري ورتي آهي. اڳوڻي نگران وزيراعظم ... ٻولهه ڪندي ... ناهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پشاور: بارودي مواد جي منتقلي دوران ڌماڪو 2 دهشتگرد مارجي ويا، هڪ زخمي

پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي، علائقي جي چوڌاري سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو

ڌماڪي ۾ 4 کان 5 ڪلو بارودي مواد استعمال ٿيو، بارودي مواد وقت کان اڳ ڦاٽي پيو: ايس ايس پي

ڌماڪي ۾ ڪوبه سويلين فوت ناهي ٿيو، گرفتار دهشتگرد جي عمر 28 کان 30 سال جي وچ ۾ آهي

پشاور (م ر) پوليس جو چوڻ آهي ته پشاور ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو. پوليس موجب ... اسپتال منتقل ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مبينه چونڊ ڌانڌلي خلاف احتجاج، لطيف کوسه، سلمان اڪرم راجه سميت ڪيترائي گرفتار

چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي خلاف ڪارڪن عمران خان جي سڏ تي ريلي جي صورت ۾ جي پي او چوڪ لاهور پهتا

ريلي جي اڳواڻي تحريڪ انصاف اڳواڻ علي اعجاز بٽر ڪئي، سردار لطيف کوسه کي به گرفتار ڪيو ويو

پوليس سلمان اڪرم راجه کي اڳواڻن سان گرفتار ڪري ورتو، ريلي کي روڪڻ لاءِ پوليس ڪارڪنن تي چڙهائي

اسلام آباد: پي ٽي آءِ ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

لاهور (م ر) عام چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي خلاف تحريڪ انصاف طرفان ڪيل ريلي دوران پوليس لطيف کوسه، سلمان اڪرم راجه ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن ڪميشن سينيٽ چونڊن لاءِ ريٽرننگ آفيسرن جي مقرري ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ر) اليڪشن ڪميشن سينيٽ چونڊن لاءِ ريٽرننگ آفيسرن جي مقرري جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان جي نئين حڪومت سان سٺا لاڳاپا چاهيون ٿا: ذبيح الله مجاهد

اميد آهي ته نئين پاڪستاني حڪومت افغان پناهگيرن جي واپسي جي حوالي سان لچڪ ڏيکاريندي

پاڪستان سان اقتصادي، سفارتي، ثقافتي ۽ مذهبي معاملن ۾ سٺا لاڳاپا چاهيون ٿا

اميد آهي ته نئين حڪومت سٺن لاڳاپن جي آڇ تي غور ڪندي: جاري ڪيل بيان

ڪابل (م ر) افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي مرڪزي ترجمان ذبيح الله مجاهد چيو آهي ته پاڪستان جي نئين حڪومت سان سٺا لاڳاپا چاهيون ٿا. هڪ بيان ۾ ذبيح الله مجاهد چيو ته اميد آهي ته نئين پاڪستاني حڪومت افغان پناهگيرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

طالبان حڪومت جو ترجمان ذبيح الله مجاهد

چيف اليڪشن ڪمشنر بار بار آئين جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي: علي امين گنڊاپور

قومي سلامتي ڪائونسل مڃيو ته سائفر مامرو مداخلت هئي

اسان جي خلاف سازش ٿي، هڪ ڏينهن سڀ سازشون بي نقاب ٿي وينديون

پشاور (م ر) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو ته سائفر جي معاملي تي جوڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي ۽ اهو به چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر بار بار آئين جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وزيراعظم جو وفاقي ڪابينا جو انگ گهٽ رکڻ جو فيصلو

شروعاتي طور تي وفاقي ڪابينا ۾ 12 کان 14 وزيرن کي شامل ڪيو ويندو

وفاقي وزيرن کي واڌو وزارتون به ڏنيون وينديون، صدر آصف زرداري حلف وٺندو

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جو انگ گهٽ رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪابينا سياڻي 4 وڳي حلف کڻندي. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

رمضان شروع ٿيڻ کان اڳ ملڪ ۾ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو

پٽاٽا 70 کان 80 روپيه في ڪلو، بصر 250 کان 300 روپيه في ڪلو، ٽماٽا 200 روپيه ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا

ٿوم 600 روپيه، ادرڪ 600 روپيه، ساوا مرچ 400 روپيه، شملا مرچ 600 روپيه، ليما 450 روپين جا ٿي ويا

رمضان کان اڳ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ اضافو غريب عوام جا اهڃ پيٽا وڌائي ڇڏيا

اسلام آباد (م ر) رمضان المبارڪ جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ملڪ جي سمورن وڏن شهرن ۾ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿي ويو. ڪراچي ۾ وڪرو ٿيندڙ ڀاڄين جي قيمتن ۾ 25 کان 100 سيڪڙو اضافو ٿي ويو پٽاٽا 70 کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز بيڪري جي دوري دوران ورڪرسان ڳالهائيندي

ڪراچي سينٽرل جيل جي رهائشي ڪوارٽر ۾ باهه، پوليس اهلڪار، گهرواري ۽ 6 ٻار زخمي

ڪراچي (م ر) سينٽرل جيل جي رهائشي ڪوارٽر ۾ گئس خارج ٿيڻ سان باهه لڳي وئي. پوليس موجب ڪوارٽر ۾ باهه سان هيڊ ڪانسٽيبل سندس گهرواري ۽ 6 ٻار سڙي پيا. جڏهن ته گهر ۾ موجود سامان رک ٿي ويو پوليس ٻڌايو ته زخمين کي سول اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو آهي، جتي ڇهن ٻارن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي

موهن جو دڙو پرسان حادثو، 2 ٻارن سميت 3 ڄڻا فوت

رائڻ روڊ تي گهانگهرڪو لاڙي وٽ حادثو ٿيو

پوليس حادثي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي اسپتال آندا

لاڙڪاڻو (د ر) موهن جو دڙو پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻن ٻارن سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. رائڻ روڊ تي گهانگهرڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جيڪب آباد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو، هيڊ ڪانسٽيبل شهيد

پوليس اسنيپ چيڪنگ دوران موٽرسائيڪل سوار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي

موٽرسائيڪل سوارن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني، ڌاڙيل فرار ٿي ويا

جيڪب آباد (م ر) جيڪب آباد جي تحصيل ٺل ويجهو پوليس ۽ هٿيارٻندن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ هيڊ ڪانسٽيبل شهيد ٿي ويو ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جماعت اسلامي 27 رمضان تي ملين مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو

چئني پاسن کان ملڪ لتيندڙ ويندا آهن، اسيمبلي اجلاسن ۾ غزا جو ذڪر ناهي ٿيندو: سراج الحق

پارليامينٽ ۾ بي جان ٺهراءُ پاس ڪيا ويندا آهن، جمعة الوداع تي آمريڪي سفارتخاني ڏانهن مارچ ڪنداسين

جماعت اسلامي جو امير سراج الحق

اسلام آباد (م ر) جماعت اسلامي 27 رمضان تي ملين مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جماعت اسلامي جي امير سراج الحق اسلام آباد ۾ غزا مارچ کي خطاب ڪندي چيو ته چئني پاسن کان ملڪ لتيندڙ ويندا آهن. اسيمبلي اجلاسن ۾ غزا جو ذڪر ناهي ٿيندو، هن چيو ته پارليامينٽ ۾ بي جان ٺهراءُ پاس ڪيا ويندا آهن. جمعة الوداع تي آمريڪي سفارتخاني ڏانهن مارچ ڪنداسين. سندس چوڻ هو ته 25 لک جي آبادي هڪ وڏي طاقت سامهون موجود آهي. فلسطينين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ اوڌر تي هلي رهيو آهي، قرض وٺڻ مجبوري آهي: احسن اقبال

معيشت کي نئين سري سان بيهارڻو پوندو، قرضن جي ادائيگي لاءِ 700 ارب روپين جي ضرورت آهي

اها دانشمندي نه آهي ته قرض ورتا وڃن پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ اسان کي 2 سال لڳي ويندا

پاڪستان جي معيشت جيڪا ورثي ۾ ملي آهي اها کوکلي ٿي چڪي آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

نواز ليگ اڳواڻ احسن اقبال

نارووال (م ر) نواز ليگ جي اڳواڻ احسن اقبال انڪشاف ڪيو آهي ته قرضن جي ادائيگي لاءِ 700 ارب روپين جي ضرورت آهي. (ن) ليگ اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڳاجي کهاوڙ: 3 ڏينهن اڳ گم ٿيل ٻارڙي جو تشدد ٿيل لاش هٿ

ڳوٺ رحمون ڪوسو مان ٽي ڏينهن اڳ لاپتا ٿيل ٻارڙي جو ڳوٺ کان ٻري زمين مان تشدد ٿيل لاش مليو

پوليس نينگري جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ وارهه اسپتال منتقل ڪيو

ڪراچي (م ر) ڳاجي کهاوڙ ويجهو ڳوٺ رحمون ڪوسو مان ٽي ڏينهن اڳ لاپتا ٿيل ٻارڙي جو تشدد ٿيل لاش مليو نينگري شبيران ڌي اصغر ڪوسو ٽي ڏينهن اڳ لاپتا ٿي وئي هئي جنهن جو ڳوٺ کان ٻري زمين مان تشدد ٿيل لاش مليو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

علوي ڪڏهن به صدر جي عهدي سان انصاف نه ڪيو: بلال اظهر ڪياني

چونڊن ۾ ڪنهن به پارٽي کي واضح مينڊيٽ نه ملي سگهيو، اسان هر پارٽي جي مينڊيٽ جو احترام ڪيو

هڪ گروپ ڪنهن سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو، عارف علوي هڪ پارٽي ۽ ٽولي جي اوزار جو ڪردار ادا ڪندو رهيو

اسلام آباد (م ر) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته عارف علوي ڪڏهن به صدر جو عهدو ناهي سنڀاليو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بلال اظهر ڪياني چيو ته عارف علوي هڪ پارٽي ۽ ٽولي جي اوزار جو ڪردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور ۾ زال کي مڙس ۽ سس ٻئي ماڙ تان اڇلي ڇڏيو، مريم نواز طرفان نوٽيس

واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل، عورت کي گهر مان گهٽيءَ ۾ هيٺ ڪرندي ڏٺو ويو

وڊيو ۾ عورت جي پاڙي وارن کي به فورن هيٺ ايندي ڏٺو ويو جنهن کان پوءِ عورت کي اسپتال آندو ويو

عورت تي اهو ظلم صرف معياري ڪاڏو نه ڏيڻ تي ڪيو ويو آهي، جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو: مريم نواز

لاهور (م ر) لاهور جي علائقي گلشن راوي ۾ عورت تي مڙس ۽ ساهرن طرفان تشدد ڪيو ويو جنهن جو پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي. گذريل ڏينهن هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي سامهون آئي جنهن ۾ عورت کي گهر مان گهٽيءَ ۾ هيٺ ڪرندي ڏٺو ويو هو وڊيو ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي ته عورت تي تشدد ڪيو ويو جنهن کان پوءِ سس ۽ سندس مڙس ان کي گهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

گوادر ۾ ٻيهر برسات سبب پاڻي بيهي ويو، بلوچستان جي 28 ضلعن ۾ برسات جي اڳڪٿي

ڪالهه رات کان جاري تيز برسات سبب روڊن تي پاڻي جمع ٿي ويو، ڏوراهين علائقن ۾ به تيز برسات پئي

زهران، سيسدي، چوڙا ۽ لاڳاپيل علائقن جا هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

پي ڊي ايم اي بلوچستان برسات ۽ برفباري کي نظر ۾ رکندي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

گوادر (م ر) گوادر سميت بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ هڪ دفعو ٻيهر رات کان برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. گوادر ۾ رات کان جاري تيز برسات سبب روڊن تي پاڻي جمع ٿي ويو. ڏوراهين علائقن ۾ به تيز برسات پئي جنهن سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ لاءِ ڪميٽي جو اجلاس طلب

ڪميٽي چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد اجلاس طلب ڪيو

مولانا عبدالخبير عوام کي به چنڊ ڏسڻ جي اپيل ڪري ڇڏي

پشاور (م ر) ملڪ ۾ رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ لاءِ چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس اڄ پشاور ۾ ٿيندو. رمضان جو چنڊ ڏسڻ لاءِ چنڊ ڏسڻي ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

خوفناڪ روڊ حادثو، ٻن گهوٽن جي پيءُ سميت 6 ڄڻا اجل جو شڪار

ڳوٺ عبدالله ماڇي کان سڪرنڊ ويندڙ جاچين سان ڀريل ڊاٽسن ڪنٽينر سان ٽڪرائجي وئي

ٻن گهوٽ ڀائرن جي پيءُ غفوران، گل ماڇي، عابد، محمد علي ماڇي سميت 6 ڄڻن ٽڏي تي دم ڏنو

20 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ عورتون ۽ ٻارڙا به شامل، پوليس اسپتال ۾ داخل ڪيو

قاضي احمد/ سڪرنڊ/ نواب شاهه/ دولتپور صفن (رپورٽرز+ م ر) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ روڊ حادثن جي نتيجي ۾ ٻن گهوٽن جي پيءُ سميت 10 ڄڻا حياتيون وڃائي ويٺا آهن. قاضي احمد ٻاءِ پاس تي جاچين سان حادثو پيش آيو آهي. ٻن گهوٽ ڀائرن جي معصوم پيءُ سميت 6 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته عورتن ۽ ٻارن سوڌو 20 کان وڌيڪ جاچي زخمي ٿي پيا آهن. ڳوٺ عبدالله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

قاضي احمد: حادثي جي فوتين جا مڙهه ايمبوليس وسيلي منتقل ڪيا پيا وڃن

ڪلب روڊ موورين پڪ هوٽل جي سامهون واٽر ڪارپوريشن جي متاثر ٿيل سيوريج لائين جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خاص هدايتن تي عملدرآمد ڪندي تي ڪلب روڊ موورين پڪ هوٽل جي سامهون واٽر ڪارپوريشن جي متاثر ٿيل سيوريج لائين جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪيو ويو. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سڪرنڊ لڳ پلاٽ جي مالڪيءَ تان 2 ڀائر قتل

ڳوٺ ماڙي ثابتي ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ٿي، ڇڪتاڻ تيز

پوليس پهچي مقتولن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ ويجهو پلاٽ جي مالڪيءَ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ 2 ڀائر مارجي ويا ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

گڏيل عرب امارتن ۾ برسات سبب ٻوڏ واري صورتحال

نالا ڀرجڻ ۽ اٿلڻ سان دبئي کان شارجه ويندڙ بس سروس معطل ٿي وئي

خراب موسم جي ڪري دبئي ويندڙ ڪيترين ئي اڏامون به ملتوي

دبئي (م ر) گڏيل عرب امارتن جي رياستن دبئي، شارجه، ابوظهبي، راس الخيمه ۽ عجمان ۾ تيز برسات سبب هيٺانهين وارن علائقن ۾ ٻوڏ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

دبئي: پرڏيهي سياح روڊ تي بيٺل پاڻي مان گذري رهيا آهن

سعودي حڪومت طرفان بلوچستان جي برسات متاثرن لاءِ امداد

سعودي عرب گوادر ۾ برساتن سبب متاثر ماڻهن جي مدد ڪري رهيو آهي: سرفراز بگٽي

گوادر ۾ برساتن سبب وڏي تباهي ٿي آهي، هن ڀيري جيتري برسات پئي ايتري ڪڏهن ناهي پئي

گوادر جا ماڻهو ٻوڏ سبب متاثر ٿيا، اسان هڪ هفتي اندر عوام کي امداد ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي آهي

اسلام آباد (م ر) سعودي حڪومت پاران بلوچستان جي برسات متاثرن لاءِ امدادي سامان فراهم ڪيو ويو. اسلام آباد ۾ سعودي سفير سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو ته سعودي عرب گوادر ۾ برساتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: سعودي سفير، سرفراز بگٽي ۽ ٻيا سعودي پاران گوادر جي متاثرن لاءِ امداد وصول ڪندي

رمضان المبارڪ جي سلسلي ۾ نادرا آفيسن جو وقت تبديل ڪرڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ر) رمضان المبارڪ جي سلسلي ۾ نادرا آفيسن جو وقت تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. رمضان المبارڪ ۾ سومر کان خميس تائين نادرا پنهنجي سيني آفيسن جو وقت صبح 9 وڳي کان منجهند 3 وڳي تائين ڪيو آهي. جڏهن ته جمعي ڏينهن وقت صبح 9 کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

قيدين کي به بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو

پنجاب جي سيني جيلن ۾ رجسٽريشن جو عمل شروع ڪيو ويو آهي: آءِ جي جيل پنجاب

60 هزار کان گهٽ آمدني وارن ملازمن کي به پروگرام ۾ رجسٽرڊ ڪيو ويندو

لاهور (م ر) پنجاب جي جيلن ۾ قيدين کي به بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. آءِ جي جيل ميان فاروق نذير موجب پنجاب جي سيني جيلن ۾ رجسٽريشن جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. 60 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ برسات، موسم خوشگوار ٿي وئي

صدر، آءِ آءِ چندريگر روڊ، اولڊ سٽي ايريا، ملير، لانڍي ۽ نيشنل اسٽيڊيم سميت علائقن ۾ هلڪي برسات

شهر ۾ هن وقت سٺي رفتار سان هوائون هلي رهيون آهن، هوائن جي رفتار 25 کان 30 ڪلوميٽر تائين وڃڻ جو امڪان آهي

رمضان جي پهرين عشري ۾ گرمي پد مارچ جي معمول واري گرمي پد موجب ٿي هوندو: پيشنگوئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هلڪي برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي. ڪراچي جي علائقي صدر، آءِ آءِ چندريگر روڊ، اولڊ سٽي ايريا، ملير، لانڍي ۽ نيشنل اسٽيڊيم جي چوڌاري سميت شهر جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سکر پريس ڪلب اڳيان علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

علي اصغر منگريو ايوب گيٽ تان اغوا ڪيو ويو جيڪو 9 سال گذرڻ باوجود بازياب نه ٿيو

منظور منگريو، سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن ۽ انهن جا نمبر اجينسي ٽريس ڪري ڏنا: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ 159 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج جاري آهي. علي اصغر منگريو جنهن کي 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ تان اغوا ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو اچڻ سان ئي مهانگائي جو جن بي قابو، مظاهرو

سکر شهري اتحاد پاران مهانگائي خلاف جسم سان پاڇيون ٻڌي انوکو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هٿرادو مهانگائي خلاف انوکو احتجاج ڪيو ويو، ڪارڪنن جسم سان پاڇيون ٻڌي سخت احتجاج ڪيو

شهري اتحاد مولانا عبيد الله ابن آزاد پٽو حبيب الله انصاري، عبدالصبور فاروقي ۽ ٻين احتجاج رڪارڊ ڪرايو

سکر (بيورو رپورٽ) رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو اچڻ سان ئي مهانگائي جو جن بي قابو ٿي ويو، هٿرادو مهانگائي خلاف عوام روڊن تي نڪري آيو. سکر شهري اتحاد پاران مهانگائي خلاف جسم سان پاڇيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪري مهانگائي ڪندڙن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان سلسلي ۾ سکر شهري اتحاد چيئرمين مولانا عبيدالله پٽو ابن آزاد جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: مهانگائي خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

جميعت علماءِ اسلام تعلقي

جهڏو جو اجلاس منعقد، نوان

اڳواڻ چونڊيا ويا

جهڏو (رپورٽر) جميعت علماء اسلام تعلقي جهڏو جو اجلاس نوان اڳواڻ چونڊيا ويا. تفصيل موجب جميعت علماء اسلام جو اجلاس صديقه مسجد ٽنڊو ڪوٽ ۾ مفتي عادل لطيف ڀٽو، مولانا عبيد الرحمان هوت جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ جميعت علماء اسلام تعلقي جي نون يونٽن جي قيام جي پڻ منظوري ڏني وئي ۽ مفتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان ۾ صحتمند رانديون جي لاءِ اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ مقابلا، عورتن جو ڊوڙانگ شريڪ

اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن طرفان مقابلا منعقد ڪيا ويا

ميڊم صائما خان، اين آئي سي وي ڊي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غضنفر شاهه، سات فلاحي تنظيم جي صدر شرڪت ڪئي

صحتمند رانديون لاءِ شاگردن ۽ رانديون جا مقابلا تعليمي شعبي جي صحتمند سرگرمي آهي: اشفاق جان سرهندي

ٽنڊو محمد خان (بر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ صحتمند رانديون جي لاءِ اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ مقابلا ۽ عورتن جو ڊوڙانگ شامل، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن طرفان صحتمند رانديون بيڊمنٽن، ڪرڪيٽ، ڪبڊي ٽينس ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

قادر لاشاري نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ عملي طور جاکوڙيندڙ انسان هيو: نئين جا ساٿي

اسڪولن جي حالت ڳڻتي ۽ رحم جوڳي آهي، جيستائين اسان خود اسڪول جي مالڪي نه ڪنداسين

محمد صالح ميمڻ نوجوان شاعر سيد غلام محمد شاهه لڪياري، محرر علي پنهور، محمد شريف جاکورو شريڪ

اسڪول جي مالڪي لاءِ عملي طور سارا هلائڻ جا ڪوڙ ڪيا ۽ ڪيترين ئي نياڻين اڄ اهم منزل تي آهن: مقررين

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) قادر لاشاري نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ عملي طور جاکوڙيندڙ انسان هيو، اسڪولن جي حالت ڳڻتي ۽ رحم جوڳي آهي، جيستائين اسان خود اسڪول جي مالڪي نه ڪنداسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز جي مسڪين ماڻهن

پاران نادرا آفيسر لقمان ڪند خلاف

احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (رپورٽر) نوشهرو فيروز جي مسڪين ماڻهن پاران نادرا آفيسر لقمان ڪند خلاف احتجاج ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان صبح جو سوير اچي لائين ۾ بيهون ٿا ۽ نادرا آفيس 9 بجا کان پوءِ ٽوڪن شروع ڪندا آهن تقريبن 11 بجي جوائنر تي چون ٿا ٽوڪن ختم ٿي ويا ۽ پنهنجي ماڻهن کي ڏين ٿا ۽ انهن جا ٽوڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غلام الله : سماجي اڳواڻ قادر لاشاري جي قبر تي وفد حاضري ڀري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ ۾ ڌاريل راڄ جي خاتمي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مجاهد هاليپوٽو، سليمان ٿهيم ، منگو ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي تي قليلي پل کان ريلي ڪڍي وئي

سنڌ ۾ غيرقانوني طور آيل پرڏيهين کي نيڪالي ڏيارڻ بجاءِ کين مستقل آباد ڪيو وڃي پيو: مظاهرين

ڌارين جي آبادڪاري کي ختم ڪرائڻ سميت ڪچي جي زمين مان ڌاريلن جو خاتمو آڻڻ جو مطالبو ڪيو

ٽنڊو محمد خان (بر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ ۾ ڌاريل راڄ جي خاتمي ، ڌاري آبادڪاري خلاف ضلعي صدر محمد ايوب ڪوريجو ، مجاهد هاليپوٽو ، سليمان ٿهيم ، منگو ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي تي قليلي پل کان پيادل جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ، ان موقعي تي مظاهرين چيو ته سنڌ ۾ غيرقانوني طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور ۾ سمال ٽريڊرس اينڊ ڪاٽيج ويلفيئر ايسوسيشن پاران بدامني خلاف شٽربند هڙتال

بدامني خلاف شڪارپور آل سمال ٽريڊرس اينڊ ڪاٽيج ويلفيئر ايسوسيشن جي سڏ تي شٽربند هڙتال ڪئي وئي

سميع الله شيخ، آغا سرفراز خان، آغا ساجد خان، نصرت شهزاد، ڊاڪٽر غلام رسول، الاهي بخش شيخ مظاهرو ڪيو

شڪارپور ضلعو بدامني جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي، شڪارپور جا شهري توڙي واپاري غير محفوظ بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو)! شڪارپور ۾ بدامني خلاف شٽربند هڙتال. شڪارپور آل سمال ٽريڊرس اينڊ ڪاٽيج ويلفيئر ايسوسيشن پاران ڪاروبار بند احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، خبر موجب شڪارپور ۾ بدامني خلاف شڪارپور آل سمال ٽريڊرس اينڊ ڪاٽيج ويلفيئر ايسوسيشن جي سڏ تي شٽر بند هڙتال ڪئي وئي. جنهن سبب شڪارپور جا پيٽرول پمپ توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽي شهر جي آگر محلي مان ٻن

نامعلوم موٽر سائيڪل سوار

هٿيار بندن پاران ڦرلٽ

ٺٽو (ٻر) ٺٽي شهر جي آگر محلي مان ٻن نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن هٿيارن جي زور تي اسلم پرويز ميمڻ کان هزارين روپيه روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪاب ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. شهرين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڌوهارين خلاف سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور: بدامني خلاف ڪيل هڙتال سبب شهر بند پيل آهي

دادو ۾ بدامني، مهانگائي، گئس ۽ بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ۽ واڌو بلن خلاف احتجاج

شهري ايڪشن ڪاميٽي دادو جي آفيس مان نڪتل احتجاجي ريلي ۾ شامل اڳواڻن مظاهرو ڪيو

ريلي ۾ شامل اڳواڻن ڊاڪٽر عبدالجبار ٻبر، وريام سنڌي، ڪامريڊ غلام نبي ٻبر، ڪاشف چانڊيو شريڪ

سيپڪو ۽ گئس صارفين سان ٿيل بلن جي مد ۾ ناانصافي لاءِ اعليٰ سطحي ڪاميٽي جوڙي وڃي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ بدامني، مهانگائي، گئس ۽ بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ۽ واڌو بلن خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي دادو جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. شهري ايڪشن ڪاميٽي دادو جي آفيس مان نڪتل احتجاجي ريلي ۾ شامل اڳواڻن ۽ شهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جيڪا ريلي دادو پريس ڪلب تي پهتي ريلي ۾ شامل اڳواڻن ڊاڪٽر عبدالجبار ٻبر. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميونسپل ڪارپوريشن سکر انتظاميا جي لاپرواهي سبب صفائي جي صورتحال خراب

انتظامي نااهلي سبب رهائشي ۽ ڪاروباري مرڪزن سميت مصروف روڊن تي ڪچري جا ڍير

علائقي واسي پريشان بڻيل شهر جا ڪمرشل ۽ ڪاروباري مرڪز پڻ گندگي جو ڍير بڻجي ويا آهن

اڳ انتظاميا اعلان ڪيو هو ته صفائي سترائي واري ڪم ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) ميونسپل ڪارپوريشن سکر انتظاميا جي لاپرواهي رمضان المبارڪ کان اڳ ئي شهر ۾ صفائي سترائي جي صورتحال خراب. رهائشي ۽ ڪاروباري مرڪزن سميت مصروف روڊن تي ڪچري جا ڍير، شهري پريشان، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني سکر جي لاپرواهي سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نڪرانو ويجهو پورهيت جي گهر

کي شارٽ سرڪٽ سبب باهه الهه

تلهه رک ٿي ويو

نڪرانو (ن سنڌيار) نڪرانو ويجهو پورهيت جي گهر کي شارٽ سرڪٽ سبب باهه الهه تلهه رک متاثر جو گهرباتين سميت مالي سهائتا لاءِ احتجاج مدد جي اپيل غريب مسڪين آهيان مالي مدد ڪري نقصان جو ازالو ڪيو وڃي پورهيت عاشق ڪورڪر خبر موجب نڪرانو ويجهو مبارڪپور ۾ گريڊ اسٽيشن ڀاڙي جي رهواسي پورهيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: انتظاميا جي لاپرواهي سبب ڪچرو پيل آهي

پ پ جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي چونڊجڻ بعد ٺٽي ۾ اڳواڻن پاران مٺايون تقسيم

پي ايس 76 ميرپور ساڪرو 2 تان تازو ٿيندڙ چونڊن ۾ ڪامياب علي حسن زرداري مٺايون ورهايون

پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي، پرووسر ڪي صديق ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان ۾ ٿيندڙ صدارتي چونڊن ڪاٿيو، مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سميت حڪومتي اتحاد پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سراج الحق جي اپيل تي غزه ۾ صهيوني فوج جي بربريت خلاف بدين ۾ احتجاج

غزه ۾ صهيوني فوج جي بربريت خلاف بدين ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ ريلي ڪڍي وئي

قتل عام تي بي حس مسلمان حڪمرانن سميت دنيا خاموش تماشائي بڻيل آهي: اڳواڻ

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) سراج الحق جي اپيل تي غزه ۾ صهيوني فوج جي بربريت خلاف مسجد اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان قاضيه پل تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب امير جماعت اسلامي سراج الحق جي اپيل تي بدين ۾ فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڊڪوٽ جماعت اسلامي طرفان اسرائيل جي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو

ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميرائي، عبيدالله گولو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسرائيل کلي دهشتگردي ڪري فلسطين جي عوام جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي: مظاهرين

ڪنڊ ڪوٽ (رپورٽر جنيد غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ جماعت اسلامي طرفان ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميرائي جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن پاران پريس ڪلب آڏو فلسطين مٿان اسرائيل جي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو ويو. احتجاج جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڊڪوٽ: جماعت اسلامي پاران اسرائيل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ اتحادين جي سنڌ ۾ ملڪ ۾ جعلي اليڪشن خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽون ڪوٽ ۾ جي ڊي اي، جماعت اسلامي، پي ٽي آئي پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

45 فارم تحت ڪٽن کي هٽ سان هارايو ويو آهي جعلي اليڪشن کي اسان رد ڪريون ٿا: مظاهرين جون ڳالهيون

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ اتحادين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽون ڪوٽ: عام چونڊن ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽائون چيئرمين جام احسان جوکيو جي ڪوششن سان گهارو ۾ نئين لائين وڇائي وئي

نوٽيس وٺندي واٽر ڪارپوريشن انتظاميا سان ڳالهيون ڪري گهارو شهر لاءِ نئين لائين وڇائي وئي

نئين لائين لڳڻ ڪانپوءِ شهر ۾ پاڻي جي کوٽ مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي: احسان جوکيو جون ڳالهيون

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) ٽائون چيئرمين جام احسان جوکيو جي ڪوششن سان گهارو شهر ۾ پاڻي جي کوٽ جو نوٽيس وٺندي واٽر ڪارپوريشن انتظاميا سان ڳالهيون ڪري گهارو شهر لاءِ نئين لائين وڇائي وئي آهي جنهن جي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽي ۾ آءِ بي ٽيسٽ پاس 530 اميدوارن کي جوائننگ آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اميدوارن پاران پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو نوجوانن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ کنيل هئا

سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته کين جوائننگ ڪرائي پريشانين کان بچايو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ آءِ بي ٽيسٽ پاس 530 اميدوارن کي جوائننگ آرڊر نه ملڻ خلاف اميدوارن جو پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو نوجوانن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ کنيل هئا جيڪي شديد نعريبازي ڪري رهيا هئا احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي منظور جاکرو، اڪبر جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو انهي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽو: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي سڏ تي ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ادارن کي الاٽ ڪرڻ خلاف احتجاج

ڌاريل راڄ جي خاتمي ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف جيئي سنڌ محاذ جي ڊويزنل صدر جي اڳواڻي ۾ ريلي

غلام الله ٻجاڻي، فضل رحمان، پرديپ ڪالاڻي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي سڏ تي ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ادارن کي ڏنل زمين، ڌاريل راڄ جي خاتمي ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف جيئي سنڌ محاذ جي ڊويزنل صدر سلطان دل، ضلعي صدر حنيف مرزائي ، مصطفيٰ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو شهر جي محمد شاهه ڪالوني جي رهواسي پاران ٻاٽرن خلاف احتجاجي مظاهرو

شهري غلام نبي پٽ لونگ سولنگي جنهن پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

جوابدار جاءِ جو 50 لک رپيا به نٿا ڏين ۽ موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ ڌمڪيون ڏين ٿا: الزام

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي محمد شاهه ڪالوني جي رهواسي غلام نبي پٽ لونگ سولنگي جنهن پاڪ ڪتاب کڻي مظاهرو ڪيو مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان هڪ بيوس لاچار آهيان منهنجو پٽ بلال جنهن پنهنجي جڳهه وڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور پي ٽي آءِ يوٿ ونگ جي ڊسٽرڪٽ صدر پارٽي کي الوداع ڪري ڇڏي

محسن سومرو يوٿ ونگ جي عهدي سميت پي ٽي آءِ جي ميمبرشپ تان استعيفا ڏئي ڇڏي

پي ٽي آءِ جون پاليسيون ملڪ دشمن بڻجي چڪيون آهن جنهن سبب پي ٽي آءِ کي الوداع ڪريان ٿو

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) پي ٽي آءِ يوٿ ونگ جي ڊسٽرڪٽ صدر پي ٽي آءِ کي الوداع ڪري ڇڏي. پي ٽي آءِ يوٿ ونگ ضلعي شڪارپور جي صدر محسن سومرو يوٿ ونگ جي عهدي سميت پي ٽي آءِ جي ميمبرشپ تان استعيفا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور ۾ پي ٽي آءِ اميدوار عالم بجاراڻي جي ڀيڻ ۽ والد پاران احتجاجي مظاهرو

عالم بجاراڻي جي ڀيڻ عجائب خاتون ۽ والد حنيف بجاراڻي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

8 فيبروري تي پ پ پ اميدوار ڌانڌلي سان کٽيا، ثبوت کڻي انصاف لاءِ عدالت پهتا سون: اڳواڻ

شڪارپور (رپورٽر) پي ٽي آءِ اميدوار عالم بجاراڻي جي ڀيڻ ۽ والد پاران احتجاج ڪيو ويو، خبر موجب شڪارپور جي اين اي 192 تي حصو وٺندڙ پي ٽي آءِ اميدوار عالم بجاراڻي جي ڀيڻ عجائب خاتون ۽ والد حنيف بجاراڻي پاران شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ابڙان شهر جي رهواسي ٻارهين ڪلاس جي شاگرد 18 سالا نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

سينگار علي مشوري ذهني توازن ٺيڪ نه هجڻ ڪري گهر ۾ پستل جو فائر ڪري انت آندو

نوشهروفيروز پوليس پاران قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ابڙان شهر جي رهواسي ٻارهين ڪلاس جو شاگرد 18 سالا سينگار علي مشوري ذهني توازن ٺيڪ نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان تحريڪ انصاف طرفان اليڪشن ۾ ڌانڌلين، مخصوص سيٽون نه ملڻ خلاف احتجاج

تحريڪ انصاف طرفان جنرل اليڪشن ۾ رڪارڊ ڌانڌلين، مخصوص سيٽون نه ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ضلعي صدر آفتاب نظاماڻي، مختيار احمد پٽي، ڪامران جانوري، منير نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي

تحريڪ انصاف سان گڏيل اتحادي پارٽين کي مخصوص سيٽون نه ڏيڻ پڻ جمهوريت سان مذاق ڪئي وئي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (بر ايم علي بروهي) پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان جنرل اليڪشن ۾ ڌانڌلين ، مخصوص سيٽون نه ملڻ خلاف احتجاج ، ٽنڊو محمد خان ۾ تحريڪ انصاف طرفان جنرل اليڪشن ۾ رڪارڊ ڌانڌلين ، مخصوص سيٽون نه ڏيڻ تي پي ٽي آئي جي صوبائي اڳواڻ الطاف نظاماڻي ، ضلعي صدر آفتاب نظاماڻي ، مختيار احمد پٽي ، ڪامران جانوري ، منير نظاماڻي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان: پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪن عام چونڊن ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ پي ايس 35 جي

ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو پاران

مين روڊ جو ڪم شروع

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پي ايس 35 جي ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو جو ٻيهرين انقلابي قدم حلف کڻن کان پوءِ ڦل شهر جي عيدگاهه جي مين روڊ جو ڪم شروع سڏوجا روڊ کان ويندي لال مسجد تائين هڪ ڪلو ميٽر روڊ جو ڪم ضلعي نوشهروفيروز چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي ۽ يوسي فهد الله ڦل جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنڌ ۾ پرائمري تعليم پوئتي وڃڻ لڳي، 70 لک کان وڌيڪ ٻارڙا اسڪولن کان ٻاهر آهن: ماهر

70 لک کان وڌيڪ ٻارڙا اسڪولن کان ٻاهر آهن، سوين اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ برقرار آهي

اميدوار اڍائي سالن جو عرصو گذرڻ باوجود ويٽننگ لسٽ ۾ موجود، جن کي آفر آرڊر نه ملي سگهيا

بند پيل اسڪول به کلي نه سگهيا ۽ اڍائي سالن جي عرصي دوران وڏي تعداد ۾ استاد پڻ رٽائر ٿي چڪا آهن

سجاول (ر) سنڌ ۾ پرائمري تعليم پوئتي وڃڻ لڳي، 70 لک کان وڌيڪ ٻارڙا اسڪولن کان ٻاهر آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪرنڊ پرسان ڳوٺ ماڙي سابقي ۾ پلاٽ جي تڪرار تان سابقي برادري ۾ جهيڙو، 2 قتل

ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا وسيم سابقي محمد عرس سابقي قتل ٿي ويا

محمد منل سابقي ۽ محمد علي سخت زخمي ٿي پيا زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي

فوتين جو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن، لاش گهر پهچڻ تي قهرام مچي ويو

سڪرنڊ (رپورٽر: راڄ ڪارا) سڪرنڊ پرسان ڳوٺ ماڙي سابقي ۾ پلاٽ جي تڪرار تان سابقي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا قتل، محمد منل سابقي ۽ محمد علي سخت زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سڪرنڊ: ڳوٺ ماڙي سابقي ۾ جهيڙي ۾ مارجي ويلن جا مڙهه اسپتال ۾ پيل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم آريسر

گروپ طرفان سنڌ جي زمينن تي

قبضي لاءِ احتجاج

ٽنڊو محمد خان (بر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم آريسر گروپ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضي لاءِ ڪيل نيلامي خلاف احتجاج ، ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم آريسر گروپ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضي لاءِ ڪيل نيلامي خلاف جسقم جي عبدالخالق خاصخيلي ، راجيش ٺاڪر ، سڪندر سنڌي ، پير بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سجاول ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي اميدوارن پاران احتجاج

احسان عيسيٰ ٻجورو، طاهر سومرو، وقار لغاري، منير ظهور، محمد بقاءَ، سالم سومرو پاران ريلي

ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار اڍائي سالن کان آفر آرڊر ۽ جوائننگ ملڻ جي آسري ۾ ويٺل آهن: اڳواڻ

جلد آفر آرڊر ڏئي پرتي نه ڪيو ويو ته اسان جون زندگيون داءُ تي لڳي وينديون، ذهني اذيت جو شڪار آهيون

سجاول (رپورٽر ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. ٽيسٽ پاس اميدوارن احسان عيسيٰ ٻجورو، طاهر سومرو، وقار لغاري، منير ظهور، محمد بقاءَ، سالم سومرو عرفان لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي هنن چيو ته آئي بي اي، پي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر پوليس جو ٻن مختلف مقابلن ۾ 3 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس مقابلي ۾ 2 ڌاڙيل عبدالرشيد ۽ نبي بخش ملڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

ٻيو مقابلو سي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ گڏانڍي ڦاٽڪ وٽ ٿيو آهي: پوليس

ظهور احمد نالي هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جو ٻن مختلف مقابلن ۾ 3 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوا ان سلسلي ۾ سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ طرفان جاري ڪيل بيان موجب پوليس ٿاڻي سائيٽ ايريا جي حد خالد فلور مل گوليمار روڊ وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڌاڙيل عبدالرشيد ۽ نبي ب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مڪلي پريس ڪلب جي جنرل

سيڪريٽري عبدالحسين مينڌرو جي

وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) مڪلي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينيئر صحافي عبدالحسين مينڌرو جي وفات تي اطلاعات کاتي جي ضلعي آفيسر محفوظ علي سومرو افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته عبدالحسين مينڌرو جي اوچتي وڇوڙي تي وڏو ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي ـ هن چيو ته اطلاعات کاتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهن

ٽنڊو باگو ۾ 2021 ۾ آئي بي اي پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ پاس ٿيندڙ اميدوارن پاران احتجاج

بدين ضلعي جي اميدوارن جو ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ڀٽي پاليسي قائم ڪري منپسند علائقن کي هارڊ ايريا ڄاڻائي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري آفر آرڊر ڏنا ويا

پيپرن ۾ غلطيون ڪيون ويون هيون جيڪي منظر عام تي اچڻ کان پوءِ به گريس مارڪون نه ڏنيون ويون

ٽنڊو باگو (رپورٽر: رفاقت جروار) 2021 ۾ آئي بي اي پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ PST ۽ JEST ۾ 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون ڪڍندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جو ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي، تعليم کاتي ۾ ڀٽو نظام ختم ڪري سڄي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪڙو مارڪن تي پاس ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب 2021 ۾ آئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو ۾ تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان جي هدايتن تي ڪارڪنن پاران احتجاج

اليڪشن 2024 ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي ۽ مينڊيٽ چوري ۽ رزرو سيٽون نه ملڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي

مظاهرو ڪندي اليڪشن ۾ ڌانڌلي نامنظور جعلي مينڊيٽ نامنظور ۽ عمران خان جي آزادي جا نعرا هنيا ويا

تحريڪ انصاف جي اڳواڻن عرفان چانڊيو، محمد ايوب ڪوسو، علي اصغر شيخ، ظهير چانڊيو ۽ ايس يو پي اڳواڻ شريڪ ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان ۽ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جي سڏ تي پاڪستان ۾ جنرل اليڪشن 2024 ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي ۽ مينڊيٽ چوري ۽ رزرو سيٽون نه ملڻ خلاف دادو ۾ ضلع صدر حيدر سيال جي اڳواڻي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي اليڪشن ۾ ڌانڌلي نامنظور جعلي مينڊ يٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو: پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪن عام چونڊن ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

آصف علي زرداري پاڪستان

جو صدر چونڊجڻ تي دادو ۾

جيالن پاران رقص

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) آصف علي زرداري پاڪستان جو صدر چونڊجڻ تي دادو ۾ جيالن پاران ڍول ۽ شرنائن تي رقص ڪندي ريلي ڪڍي دادو پريس ڪلب آڏو مٺايون ورهائي خوشي جو اظهار ڪيو. پ پ پ ڪارڪنن گل حسن شاهي، دائود هنگورو، اڪبر چانڊيو، اقبال قريشي، صفدر شاهي، حميد جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 11 مارچ 2024ع

صدر مملڪت جي چونڊ ۽ نيون اميدون

پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرينز جو صدر ۽ حڪومتي اتحاد جو نامزد اميدوار آصف علي زرداري صدر مملڪت واري منصب لاءِ ٻيو ڀيرو چونڊجي ويو آهي. هو ان اهم آئيني عهدي تي ٻيو ڀيرو چونڊجي ايندڙ پهرين سول شخصيت آهي. آصف علي زرداري 255، جڏهن ته ان جي مدِ مقابل محمود خان اڇڪزئي 119 ووٽ کنيا. وزيراعظم شهباز شريف نئين چونڊيل صدر مملڪت کي مبارڪون ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته صدر مملڪت پنهنجا فرض احسن طريقي سان پورا ڪندو، جڏهن ته پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري عمر ايوب خان صدارتي اليڪشن کي غير قانوني ۽ غير آئيني قرار ڏيندي چيو ته صدارتي چونڊ لاءِ اليڪٽورل ڪاليج مڪمل نه آهي.

ملڪ ۾ 8 فيبروري 2024ع تي ٿيل عام چونڊن جي نتيجي ۾ چئني صوبن جي وڏن وزيرن ۽ وزيراعظم چونڊجڻ کانپوءِ خيرن سان صدر مملڪت جي چونڊ به ٿي وئي آهي، اهڙي نموني سان جمهوري عمل جي تڪميل ٿي وئي آهي ۽ اها اميد پيدا ٿي آهي ته ملڪ جمهوريت جي رستي تي ٻرانگهون ڀريندو. اسان جي ملڪ ۾ اهو عهدو انتهائي اهم آهي ۽ صدر کي وفاقي علامت سمجهيو ويندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ آمرن ۽ طالع آزما قوتن هر ڀيري موقعو ملندي ئي سسٽم جي تڏا ويڙهه ڪئي آهي ۽ ان کانپوءِ 1973ع واري متفقه آئين ۾ پنهنجي من پسندن ترميمن جون ڇٽيون هڻي ان جي صورت ئي مسخ ڪري ڇڏي هئي. پارلياماني جمهوري سرشتي سان وير رکندڙ قوتن جي هميشه اها ئي ڪوشش رهي آهي ته ملڪ کي صدارتي طرز تي هلايو وڃي ۽ اهڙي نموني سان 1985ع ۾ آمر ضياءَ واري دور ۾ غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل اسيمبليءَ مان آئين ۾ اٺين ترميم ڪرائي وئي، جيڪا ترميم دراصل پارلياماني نظام کي صدارتي نظام ۾ تبديل ڪندڙ هئي. جيڪا 58 بي-2 جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي ۽ ارڙهين ترميم کانپوءِ اها تاريخ جي ڪباڙخاني جو حصو ٿي وئي آهي. هن ترميم تحت صدر کي اهو اختيار حاصل هو ته اهو پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ کي تحليل ڪري سگهندو هو ۽ ان ترميم جي تلوار ملڪ ۾ ڪيترين ئي چونڊيل حڪومتن ختم ڪيون. صدر آصف علي زرداري کي اهو ڪريڊٽ وڃي ٿو ته هن جي ئي دور ۾ 2010ع ۾ آئين ۾ ارڙهين ترميم وسيلي انهن آمرانه اختيارن جي رستي روڪ ڪئي وئي ۽ صدر آصف علي زرداري ڪيترائي صدارتي منصب جا اختيار قومي اسيمبليءَ کي ڏنا. هن وقت جڏهن ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ جون سازشون پيون ٿين، اهڙي صورتحال ۾ صدارتي محل مان اهڙي ڪنهن به سازش جي رستي روڪ جي اميد پيدا ٿي وئي آهي. پي ٽي آءِ حڪومتي دور ۾ صدارتي محل آرڊيننس فيڪٽري بڻيل هو ۽ قانون سازي قومي اسيمبليءَ جي بدران صدارتي فرمانن ذريعي ٿيندي رهي هئي. قومي اسيمبليءَ کي صرف رٻڙ اسٽيمپ بڻائي رکيو ويو هو. هن ڀيري اها اميد پيدا ٿي آهي ته جنهن شخصيت پنهنجي دور ۾ پنهنجا منصبي اختيار به پارليامينٽ جي حوالي ڪيا، اها پارليامينٽ جي بي توقيري ڪندڙن جي رستي روڪ ضرور ڪندي. صدر آصف علي زرداري جي سياست ڇڪتاڻ بدران مفاهمت واري رهي آهي ۽ ان اعليٰ منصب تي سندس چونڊ سان اها اميد پيدا ٿي آهي ته هو سياسي ڇڪتاڻ وارو ماحول گهٽائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري عمر ايوب خان صدارتي چونڊ کي غير قانوني ۽ غير آئيني سڏيو آهي پر هُئي پاسي سندس پارٽيءَ جي حمايت سان چونڊجي آيل اميدوارن به صدارتي منصب لاءِ ووٽ ڏنو آهي. هڪ پاسي صدارتي چونڊ کي غير آئيني قرار ڏيڻ ۽ ٻئي پاسي ان ۾ حصو وٺڻ واري سياست کي ڇا چئجي؟

ملڪ ۾ نئين جمهوري دور جي شروعات سان اها اميد پيدا ٿي آهي ته عوام کي رليف ڏيڻ کي ترجيح بڻايو ويندو. هن وقت ملڪ کي تمام گهڻا مسئلا درپيش آهن، خاص طور تي مالي بحران ۽ سياسي غيرجٽاداري. اسان اميد ڪريون ٿا ته موجوده دور ۾ انتظامي ۽ سياسي تدبر سان اهي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ وک وڌائي ويندي ۽ حڪومت کي ان حوالي سان صدارتي محل مان سهڪار حاصل هوندو.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذکُرُونِي اَذکُر کُم'، اِيَ پروڙج بات؛
هَتِ ڪاتي گُڙُ واتِ، پُڄڻُ پَرِ پرين جي.

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊ ۽ ادب جو آئيندو

تحرير: شاهد راڄپر

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ادب جي هڪ تنظيم آهي جيڪا سنڌي ٻولي جي ترقي، سنڌ جي تعليم، محبت ڀائيچاري امن سميت سنڌ جي شعور جي آگاهي لاءِ قائم ڪئي وئي هئي. جتي سنڌ جي عظيم شخصيتن جو ذڪر ڪجي ته اتي ادب جي شمع ٻاريندڙ دادا گوبند مالهي جو ذڪر نه ڪرڻ هڪ ناانصافي تصور ٿيندو گوبند مالهي 13 آڪٽوبر 1946ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو هڪ ٻوٽو رکيو جيڪا اڳتي هلي هڪ تاريخي حيثيت جي حامل بڻجي آهي. گوبند ماهي جنهن علم، ادب، سياست ۽ پورهيت سماج لاءِ هڪ تنظيم جوڙي جو گهڻو عرصو گذرڻ باوجود به ادب جي سٿ تي سندس نالو وڏي حيثيت ۾ موجود آهي.

"سنڌي ادبي سنگت" جي پهرين شاخ جو بنياد اپريل 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو هو، ۽ هن ادبي پورهيو ڪندڙ قلم ڌڻين جو پهريون سيڪريٽري جنرل دادا گوبند مالهي (1921-2001ع) کي بڻايو ويو هيو گوبند مالهي ساهتي جي شهر ناروشاهه ۾ 8 آگسٽ 1921ع ۾ جنم ورتو جنهن علمي ادبي حوالي سان ايڏو ته مان ماڻيو جراح به هو ادبي صفن ۾ نمايان نظر اچي ٿو جڏهن ته ڪجهه اهل علم ادب شخصيتن جو رايو اهو آهي ته سنڌي ادبي سنگت جي باني دادا گوبند مالهي سنڌي ادبي سنگت جي سٿ جي ڪاروان جي سفر جي شروعات ناروشاهه پرسان ڏيرو (دربيلو) کان دوستن سان گڏ ڪئي پر اجان تائين پڪي ڄاڻ ناهي ته سنڌي ادبي سنگت جو بنياد دادا گوبند مالهي ڏيرو کان وجود ۾ آندو يا ناروشاهه يا وري ڪراچي کان پر اها هڪ حقيقت آهي ته ساهتي پرڳڻي جي علائقي ڏيري ۾ جنم ورتل دادا گوبند مالهي ٿي آهي جو ڏيري کان لڏي اچي ناروشاهه ۾ مقيم ٿيا ۽ ڪاروبار ڪيو ۽ شايد بعد ۾ ڪراچي به شفٽ ٿيا هئا (حوالو گهربل)

مالهي جڏهن پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ گهمڻ لاءِ 1984ع ۾ هتي آيو ته ڪراچي جي آرٽ ڪائونسل ۾ سگا ياران ڏنل آجياڻي دوران سنڌ جي ڏات ڌڻين سان مخاطب ٿيندي نيشن مان نير وهائيندي چيو ته "جنهن مالهي 13 آڪٽوبر 1946ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ننڍڙو ٻوٽو پوکيو هجي ۽ اهو ٻوٽو جڏهن وڌو ٿي خوشبو جو دس ڦهلائي ۽ ان وقت ان مالهي کي ان وڻ کان ڌار ڪيو وڃي اوهان ٻڌايو ته ان وقت ان مالهي جي ڪهڙي حالت ٿي هوندي؟" ۽ اهي گوبند مالهي جا لفظ نه پر احساس هئا جيڪي سندس زبان پيش پئي ڪيا گوبند مالهي سڄي زندگي سنڌي ادب لاءِ جدوجهد ڪئي مالهي 10 فيبروري 1990 دوران هميشه لاءِ سنڌ جو سور سيني ۾ سانڍي وڇڙي ويو، جنهن کي اڄ به ادب جا اڃايل داد گوبند مالهي جي نالي سان سنڌ توڙي هند ۾ ياد ڪن ٿا.

1956ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنگت جي مڪيا تنظيم سازي ڪئي وئي، جنهن ۾ 12 شاخن کي شامل ڪيو ويو انهيءَ دوران سنڌي ادبي سنگت جو آئين منظور ڪيو ويو ۽ اياز قادري کي سيڪريٽري جنرل بڻايو ويو. ان کانپوءِ هيٺيان سنڌي ادبي سنگت جا سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيا ويا، جن ۾ شمشير الحيدري، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، تاج بلوچ، تاج جويو، ادل سومرو، اياز گل، شمس سومرو، مختيار ملڪ، ذوالفقار سيال، ممتاز بخاري، يوسف سنڌي، ڊاڪٽر مشتاق ڦل، ڀريل دايو، احمد سولنگي، تاج جويو (هينئر) ان جا سيڪريٽري جنرل رهيا آهن.

هن ڀيري جڏهن اڄ 10 مارچ 2024ع تي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊ سنڌ جي سينيئر اديب مهان ڏاهي محترم تاج جويو صاحب جي نگراني ۾ ٿي رهي آهي جنهن سان سنڌ ۾ قلم جو پورهيو ڪندڙ مڙني ڏاهن اديبن کي يقين آهي ته چونڊ ميريٽ جي بنياد تي ٿيندي ۽ سنڌ جا اديب هڪ نئين تاريخ کي جنم ڏيندا. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ اميدوار سنڌ سنگت پينل جا اميدوار آزاد انور ڪانڌڙو، سجاد ميراڻي، گوهر سنڌي، سنڌ دوست پينل جا نور چاڪراڻي، خالد راڄپر، شبير سيال، اياز لطيف دايو، مهراڻ سنگت پينل جا مارو جمالي، اياز شاهه رضوي، وفا حاڪم وساڻ ۽ آزاد حيثيت ۾ حصو وٺندڙ حسين سارنگ مهر ۽ محترم احساس ميرل باقائدي پنهنجي چونڊ مهم هلائي آهي ۽ سنگت جي سٿ کان ووٽ گهريو آهي جڏهن ته مختلف ضلعن جي رابطا سيڪريٽرين جن ۾ مظهر خاصخيلي، ظفر ٽگڙ، عاجز منگي، وفا صالح راڄپر، نياز الاهي ابڙو ۽ ٻين ۾ به زور جا مقابلا آهن ۽ اها خبر اڄ 10 مارچ 2024ع تي پڌري ٿيندي ته ڪير ٿو مرڪز جون واڳون سنڀالي. هن ڀيري ادبي لڏي جي چونڊ مهم دوران هڪ ڳالهه جو افسوس اهو پڻ رهندو ته ادب ۽ علم سان ڏيئو روشن ڪرڻ جا خواب ڏيکاريندڙ ڪجهه اهل قلم دوستن چونڊ مهم دوران وڏيرن، ٻوتارن بيوروڪريسي کان ووٽ وٺڻ لاءِ مدد ورتي جيڪو ٻڻ سنڌ ۽ سنڌي ادبي سنگت لاءِ لمحه فڪريه آهي جڏهن ته چونڊ مهم دوران جيڪڏهن قلم ڌڻي دوستن جي سهڪار سان چونڊ مهم هلائي وڃين هان ته وڌيڪ بهتر هو بهرحال وقت پڄائي تي پهتو آهي ۽ سڀاڻي (اڄ) 10 مارچ 2024ع تي سنڌي ادبي سنگت جي چونڊ آهي ۽ ايندڙ مرڪزي دوستن مان سنڌ ۽ سنڌي ادبي سنگت بهتري جي اميد رکي ٿي ته هن ڀيري سنڌي ادبي سنگت سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ۾ نمايا ڪردار ادا ڪري ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ سنڌ جي شاعرن، اديبن، ليکڪن جي ٻڻ ٻانهه ٻيلي رهندي ۽ سنگت کي گڏي هلڻ ۾ ثابت قدم رهندي ضرورت هن ڳالهه جي به آهي سنڌي ادبي سنگت کي گهرجي ته ادب جي لحاظ کان هڪ جامع منصوبابندي ڪئي وڃي پهرين ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏياري سنڌ جي مڙني آفيسن ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي طور ٻڻ استعمال ڪيو وڃي سموري خط و خطابت سنڌي ۾ ڪئي وڃي گڏو گڏ سنڌ جي مڙني تعليمي ادارن ۾ ادب ۽ اخلاقيات جا سبجيڪٽ پڙهايا وڃن جيئن تعليمي درسگاهن مان ڊگري حاصل ڪري ٻاهر مختلف شعباجات ۾ نوڪريون ڪندڙ توڙي روز مره جي ڪارونهوار هلائڻ ۾ پنهنجي ادب ۽ اخلاق کي نمايان رکيو اڄن جيڪو سنڌ جي مستقبل لاءِ اهم ستون ثابت ٿي سگهي ٿو.

شاهه سائينءَ وٽ عشق ۽ عاشق جو احوال

اعجاز ممنائي

پوري ڪائنات عشق جي الستي اڳڻ سان اجاريل آهي جيڪڏهن عشق نه هجي هان ته شايد دنيا جو وجود ئي نه هجي هان نه سج، چنڊ ۽ ستارا هجن هان نه سمنڊ درياءَ ۽ ڍنڍون هجن هان نه پکي پکڻ ۽ جيت جڻا هجن هان. نه وڻ ٽڻ ٻوٽا ۽ سرسبزي هجي هان نه انسان حيوان ملائڪ ۽ جنات هجي هان نه عرش ۽ فرش جو ڪو تصور هجي هان اهي سڀ عشق الاهيءَ جي بنياد تي وجود ۾ آيا آهن جيڪڏهن عشق نه هجي هان ته ڪائنات جو وجود ئي نه ٿئي هان عام طور تي عاشق عشق جي ابتدا آدم کان ڪري ٿو اهو انڪري جو الله به آدم کان آغاز ڪيو ۽ انبياءَ سان ابتداءُ ڪئي هاڻي جيڪڏهن عشق ڪرڻو ئي آهي ته الله سان عشق ڪر جيڪا تنهنجي حقيقي منزل آهي تنهنجو مقصد آهي لطيف سائين عشق جي ڳالهه عزازيل جي ڪندي ٻڌائي ٿو ته هن صرف الله سان عشق ڪيو پر اهڙو عشق به ڪيائين جو محبوبن جي محفل کان ئي ٻاهر ٿيڻو پيس شاهه لطيف عاشق زهر پياڪ جي ڳالهه ڪهڙي نه سهڻي نموني ڪئي آهي.

عاشق زهر پياڪ، وِهُ ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
لڳين لنئو لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي ڇڪن چاڪ ته به آهه نه سلن عام کي.

عشق حقيقي هجي يا مجازي، عاشق کي سور ته پسڻا ئي آهن. عشق ۾ ڪڙي ۽ جان وٺندڙ زهر جو ذائقو چکڻو ئي پوندو آهي. محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه سهڻو ٿي آهي. عاشق چئو ۾ ان کي، مڪي چئو معشوق.

خالق چئو ۾ خام تون، ۾ کي چئو مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصڻا نگيو

دنيا جي اڪثر شاعرن عورت کي پنهنجو معشوق يا محبوب ڪري پيش ڪيو آهي پر مرشد ۽ رهبر لطيف دنيا جو اهو واحد شاعر آهي جنهن عورت کي عاشق ڪري پيش ڪيو آهي جيئن مومل راڻي گهڻن کي پنهنجي حُسن جا جلوا ڏيکاري پنهنجي حُسن تي مست ڪري انهن گهوٽن کي کهايو پر هاڻي جڏهن ڪيس مينڌري جو عشق لڳس ۽ سندس ڪاپار ۾ منداڻي جو تڪو تير لڳس ته هوءَ پاڻ سندس عشق ۾ فنا ٿيڻ لڳي سهڻيءَ جو ڪردار نهايت طاقتور ۽ جان نثار عاشق جو آهي سهڻي مست عاشق ٿي رات جو تندون ڦٽائي لوڪ کان لڪي ميهار سان ملڻ لاءِ درياءَ جون ڇوليون به ڪيس خوفزده نه ٿيون ڪن ۽ نه ئي لوڪ جي پرواهه ٿي ڪري هوءَ هڪ ڪمزور زال هوندي به بنا ڊپ ڊاءُ جي درياهه جي دهشت، لهرن جي زور ۽ تک طوفان ۽ واءُ جي تيزيءَ درياهي خوفناڪ جانورن جي مقابلي ۾ همت ڪري ميهار سان ملي ٿي هتي سهڻي عاشق ۽ ميهار معشوق نظر اچي ٿو يعني سهڻيءَ جڙي عاشق پنهنجي معشوق تائين پهچڻ لاءِ دنيا جا حيلا وسيلا ڪتب آڻي ٿي

وه تک واهڙ تک جت نينهن تک نرالي
جن کي عشق عميق جو خلوت خيالي
وارين سي والي هيتڙو جنين هٿ ڪيو

گرٻخشاڻي 255 بيت 1

جن جي دل ۾ عشق الخ پيدا ٿيو آهي سي دنيا کان گوشو ڪري آرام ۽ سانت سان گذاري پنهنجي اندر محبوب جي مشاهدي ۾ محو رهن ٿا

اٺين ٿي سسئي جهڙي عاشق ته عشق جي انتها ڪري ڇڏي هوءَ پنهونءَ جي مجازي عشق ۾ حقيقي عشق جو مزو چکي ٿي هتي به سسئي عاشق ۽ پنهون معشوق نظر اچي ٿو هوءَ سرتين کان ڪناره ڪش ٿي چوي ٿي اي سرتيون منهنجو پنهل ته اڳ ئي منهنجي اندر ۾ آباد هو پوءِ ڪيچي به ان جي تلاش واري وات ۾ ڳڏيا هاڻي ڪڏهن جهنگ ۾ مرن سان منهن ٿي ڏئي ته ڪڏهن جبل ۽ ڏونگر سان ٿي اٽڪي ڪڏهن عشق ۾ نانگن سان ٿي مهاڏو اٽڪائي ته ڪڏهن سج جي سامهون ٿي ڪيس شڪوه شڪايتون ڪرڻ لڳي ٿي اهو سسئي جو عشق هيو جو لطيف سرڪار ڪيس پنج سر ارپي ٿو پوءِ به سندس داستان پورو نه ٿو ٿئي شاهه سائين ته ڪيس تنبيهه به ڪري ٿو ته متان تڪليفن ۽ آزمائشن کان گهبرائي ڊڄي تنگ ٿي عشق تان هٿ ڪڻي وڃين بلڪ اهو عشق ڪٺوريءَ جو ڪٺو سمجهي پنهنجي منهن سان مهٽي ڇڏ

جاڳي سجاڳي وهان ڪيئن ماٺ ڪري؟
اندر آڳ عشق جي اپر اڏائي
العشق نارالله الموقد ڪوري جنءَ ڪائي
آهي آريائي ٻيو سرتيون سڄي ڪين ڪي

گرٻخشاڻي 294 بيت 15

وري سورٺ جو عشق انتها جو ملي ٿو هيءُ داستان به سهڻيءَ وانگر هڪ بيحد ملڙي راڳڻي ٻڌجي ويو آهي هي داستان نهايت اثرانگيز ۽ دل پڄائيندڙ داستان آهي جنهن ۾ عشق سندا سور ۽ احساس سمايل آهن مطلب ته عشق مرد کي به لڳي ٿو ته عورت کي به ٿئي ٿو عشق ٻنهي لاءِ هڪجهڙي حيثيت رکي ٿو عشق ذات پات جو پرچاري ناهي هوندو عشق محبوب جي اکين مان جنم وٺي عاشقن کي قيد ڪندو آهي. سندس تندون ڦٽائي اوجاڳا ڪرائيندو آهي. جبل جها ڳرائيندو آهي محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ شهر ڳوٺ ڇڏرائيندو آهي. ڪشالا ڪرائيندو آهي رڻ ٻٽ وسرائيندو آهي رڙيون ريهون ڪرائيندو آهي لطيف سائين عشق جي ڳالهه پنهنجي هن بيت ۾ هيئن ڇوري ٿو.

عشق نه آهي راند ته کي ڪيڏنس ڳهيرا!
جي جسي جان جي پڄي جو هيڪاند!
سر نيزي پاند، اچل ته اڏ ٿئي.

عشق جو رمزون تمام گهڻو نراليون هونديون آهن عشق نه هر انسان ڪري ٿو ليڪن لطيف سائين چوي ٿو عشق هر ڪنهن جي ڳالهه نه آهي جو جنهن کي جيئڻ وٽي تيئن عشق ڪري سچي ۽ حقيقي عشق جي منزل اوکي آهي. حقيقي محبوب کي پسڻ حاصل ڪرڻ ان ۾ گر ٿي وڃڻ ۽ ان جو حصو وجود بڻجي وڃڻ ڪنهن عام ماڻهو کان گهڻو مٿي آهي لطيف سرڪار پنهنجي هن بيت ۾ چوي ٿو.

عشق جي آڙاهه ۾ سر جو سانگ نه ڪر،
لاهي سر لطيف چئي دوست اڳيان ڌر
عشق نلنگ ڪپر، خبر ڪاڏن کي پوي

لطيف سائينءَ جيئن عشق کي پرکيو پروڙيو ۽ سمجهيو آهي اٺين پلاڪنهنجي وس جي ڳالهه نه آهي جو عشق سان پاند اٽڪائي ۽ بچي وڃي ڪو به عاشق عشق لڳڻ کان پوءِ پاڻ کي سنڀالي ناهي سگهيو ڪڏهن به سنئين لڳين گهمي ناهي سگهيو هميشه محبوب جي يادن ۾ پاڻ کي پاڻ ۾ وڃائي ٿو ڇڏي.

عاشقِ معشوقن جي وٽِي ويهه ڳري
جمر وِرچي ڇڏيين سنڌي دوست دري
ڏينداءَ ٻکي باجهه جي وينداءَ نٻ ٽري
ساڄن توءِ سري، اسان سري نه ان ري

سمجهاڻي: اي عاشق، توکي گهرجي ته دوست جي گليءَ ۾ وڃي ويهي رهين (۽ اتي سندس ديدار جو انتظار ڪرين). ياد رک متان بيزار ٿي دوستن جو در ڇڏي وڃين هو ضرور ابتدا ۽ اچي توکي پيار جي دوا ڏيندا ته جيئن تنهنجا ڦٽ ۽ زخم ڇٽا ٿين (توکي آرام ۽ سڪون ملي). اهو ٻڌي ڇڏ، محبوب جو وقت تو کان سواءِ گذري ويندو، پر اسان عاشقن جي زندگي هن کان سواءِ گذري نه سگهندي. (اسان جي درد جو درمان اسان جو سڄڻ آهي).

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

عاشقؤ معشوقن جو وٽي ويهه ڏڪائ
ٻنج پيش پرين جي، پٽيءَ وڃهي پاڻ
ته تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو

سر يمن ڪلياڻ: داستان 7: بيت 8

ترجمو: اي عاشق! تون محبوبن جو هٿ وٺيو ويٺو هج، پرينءَ اڳيان ڳجهيءَ ۾ پلاند پائي، سرجهڪائي ته وٽن هميشه ماڻائتو رهين. عاشق کي هميشه نياز جڳائي.

عاشقؤ معشوق جو وٽي ويهج ڳهٽ؛
جمر ورچي ڇڏئين، موکيءَ سندو مٽ؛
ڪري سرجي سٽ، پيج ڪي پيالين

اي عاشق! معشوقن جي ڳهٽيءَ جو منهن جهلي وڃي ويهج، متان بر ٿي، ڪلال جي مٽ جي پڄر ڇڏين. سر جو سودو ڪري، (سر تلراني ۾ رکي) شراب جون کي پيالون پيئج.

سر يمن ڪلياڻ 9:7

عاشقؤ معشوقن جو وٽي ويهج رُنڊ،
پيارينداءَ پاڻهين، مئيخاني جو منڊ،
ڪيمر ڪيج تون ڪنڌ، اوڏو ٿي ان کي

مطلب ته عشق جو راز اهڙو اونهو ۽ منجهائيندڙ آهي جو ڪنهن جي سمجهڻ جو نه آهي عقل ۽ علم ان کي سمجهڻ کان قاصر آهن. رومي چوي ٿو ته:

عقل در شرحش چو خردر گل بخفت
شرح عشق و عاشقي هم عشق گفتم
آفتاب آمد دليل آفتاب ؛گر دليليت بايد از وي رومتاب

عشق ۽ عاشقي کي سمجهڻ تمام ڏکيو آهي سج جو اپرڻ دليل آهي ته ڏينهن روشن آهي حسن جو ناءُ عشق تي حاوي آهي ان ڪر حسن للڪار ڪري ٿو ته اي عاشق ! خبردار مان حسن آهيان منهنجي اڳڻ ۾ قدم رکڻ کان اڳ فنا لاءِ تيار ٿي ءُ لطيف فرمائي ٿو ته عاشق! معشوقن جو وٽي ويهج رند وري چريس ٿو ته عاشق! معشوقن جو وٽي ويهج ڳهٽ

جمر ورچي ڇڏيين موکي سندو مٽ:
ڪري سرجي سٽ پيج کي پيالين: وري وائي ۾ خبر ٿو ڏيس ته

سپريان جي سونهن جي ڳالهه ڪين وڃي؛
وڃي در دوستن جي سوري سر هجي
عاشق انکهن چڙٿا ٻٿو سيڪو ٻجي
ٻجج پوءِ پريتڻو ٻهرين سر سڄي؛

عاقل ٿي اوڄون ٿٽا پورو ڪين پجي..! لطيف جي ٿو دنيا گزرگاهه آهي مڙس يعني عاشق اهو جيڪو ڏرم يڏ يعني ديش جي لاءِ وڙهي ۽ سر ڏي اڳي پوءِ مرڻو آهي تنهن ڪري چو ته عشق ۾ سر قربان ڪجي اهڙي طرح فرض ادائي ڪندي ساهه ڏجي" متان تيغ ترار مار ته متارو ٿئين" وري عشق جي سرڪي پياري ٿو ته:

عاشقن الله، ويرو دارنه وسري،
آه ڪريندي ساهُ، ڪڏهن ويندو نڪري

عاشقن کان ڪڏهن به الله نه ٿو وسري. (انهن کي هميشه الله ياد آهي) ڪڏهن عشق جي آهه ڪندي، سندن پساهه پورو ٿي ويندو.

سُريمن ڪلياڻ داستان ستون بيت 1.

عاشقِ اِئن نه هُون، جئن تون سڄي اڳرين.

وڃي دَرِ دوستن جي، رَتَ ڏهائي رُون،
ٻي پَرِ ڪنهين نه پُون، ماڪُرِ محبوبنِ سين

جئن تون سڄن لڳن سان (تازو توانو) آهين، تئن عاشق ڪڏهن به نه ٿا ٿين. هو هر روز محبوب جي در تي وڃي رت ٿا روئن، ٻئي ڪنهن به دستور هو پرين وٽ قبول نه ٿا پون.

سُريمن ڪلياڻ، داستان ستون، بيت 2

جان عاشق مٿي رَتَ دَعويٰ ڪري مَ نينهن جي
ساتو منڌ سونهَ ڳِڇي سِڪڻ اِيَ شرط
نه ڪين گوڏ ڳَرڻ متان سِرَ سودا ڪري

جيسيتائين جو ڪنهن البيلي عاشق تي مايا ماس چڙهيل ۽ رت پريل هجي تيسيتائين اهو عشق ۽ نينهن جي دعويٰ ئي نه ڪري محبت ڪرڻ ۽ صحبت لاءِ سڪڻ واري جي نشاني هيءَ هوندي آهي ته جدائيءَ ۽ فراق سببان ان جو منهن ڪاراڻجي ڪمائو ٿي ويندو آهي اگر ڪو سچو عاشق هوندو ته ان وٽ هڙ ۾ ٻيو ڪجهه به ڪونه هوندو فقط پنهنجو سر ڏيئي پيو سِڪ جا سودا ڪندو

مطلب ته سچي سريمن ڪلياڻ عشق معشوق عاشق ۽ محبوب جي تصوفاتي رنگيني سان ڀرپور آهي هر بيت جي اکر اکر ۾ دلسوزي درد انگيز عشق جي لفظن سان جڙيل آهي دردن جو ذڪر به ڪري ٿو ته دردن جا انواع ۽ طبيب به پاڻ ته وڃ به پاڻ عاشق به پاڻ ته معشوق به پاڻ سر ڪهڙي ٿو ته معشوق جو در وٽي ويهڻ جو سبق به ڏيئي ٿو

عشق جو سمنڊ ڏسڻو آهي ته سر ڪاموڏ ۾ ڏسو جتي نوريءَ تي وقت جو حاڪم جام تماچي ڪيئن نثار ٿو ٿئي ۽ ڪيس پٽ راڻي بڻائي ٿو

ڪکيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇچ،
پاندُ جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لچ،
سمو جام سهج، اُيو ڪري ان سين.

مهاڻن جون ڪاريون ڪکيءَ سان واسيل آهن ۽ ڇچ ڇچيءَ سان، جن جي پلاند لڳي ته لچ اچي وڃي، سمو سردار انهن سان ٻيلو سهج ڪري (انهن تي نوازش جي پلٽ)

بيت پنجون داستان پهريون (ڪلياڻ آڏواڻي) لطيف سائين پنهنجي پرين کي چوي ٿو، اي محبوب توکي اٿين نه ٿو جڳائي جو مون کي محبت ۾ ماري عشق ۾ اڙائي هليو وڃين نه وري موٽڻ جي نه ٿو ڪرين تنهنجي عشق جي سور ۾ منهنجي جان جو رت ٿي سڙي سڪي ويو آهي هاڻي ته منهنجي جسم ۾ رتيءَ جيترو به رت ناهي رهيو ۽ منهنجي نيڻن جي تند پڻ ڦٽل آهي ۽ اسان تنهنجي لاءِ ڪجهه ٿي ڳجهه ۾ پئي پوڄائون ڪيون آهن ۽ توکي ٿي پئي پوڄيو آهي. لطيف سائين محبوب جي عشق جي ڳالهه هيئن به ڪري ٿو

عشق اهڙي ذات جو مانجهي مونجهائي مين کي،
ڏيهان ڏوري ڏونگرين، روئڻ سڃائي رات،
اٿي ويلي تات، ميان محبوبن جي

يعني عشق اهڙي قسم جي ماجرا آهي جا پهلوانن ۽ سورمن کي ٿي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏي ٿي ۽ عشق وارن جون تندون ڦٽائي ڇڏي ٿي. ۽ ڏينهن جو جبل ڏورڻ، ڪشالا ڪڍڻ ۽ رات جو ويهي اوجاڳا ڪرائڻ ۽ ڳوڙها وهائڻ عشق جي عادت ۾ آهي. عشق جي انتها ڏسڻي آهي ته سر ڪيڏارو ۾ ڏسو جتي امام حسين عليه السلام پنهنجو پاڻ ۽ اولاد سميت سڀ ڪجهه قربان ڪري ٿو ڇڏي.

سختي شهادت جي، مڙوئي ملاڙ؛
ذرو ناهه يزيد کي، اِيِ عِشق جو آٿاڙ؛
ڪسڻ جو قرار، اصل امامن سين

امامن لاءِ شهادت جي سختي، الاهي رحمت جي بارش هئي. انهيءَ الاهي عشق جي اهڃاڻ جي، يزيد کي رتيءَ ماتر به پروڙ نه هئي. امامن جو ازل ۾ ئي سر ڏيڻ جو انجام ڪيل هو!!

اهو عشق الاهي ته هو جو حضرت عيسيٰ ع صليب تي سر ڏنو ۽ منصور سوريءَ تي پساهه ڇڏيو پر امامن جهڙي آزمائش ڪنهن سان ڪانه ٿي هٿ نه هر هڪ پاڻيءَ جي بوند لاءِ سڪي، ٻڪ ۾ پاڻي، سڄ تان سر صدقي ڪيو امام جيڪر اڪيلو شهيد ٿئي ها ته ٻئي جهڙو ليکجي ها. شاباس آهي سندس اهل و اولاد کي اکين اڳيان شهيد ٿيندو ڏسي جيڪا ماڻٽ جي دل جي حالت ٿيندي پر شاباس امامن جي صبر کي، جو سختيون سهي به اهو پئي فرمايو اي خدا بس تون راضي ٿي ڪربلا جي ميدان تي هڪ هڪ ٿي خدا جي دشمنن کي جهنم رسيده ڪندا رهيا ۽ پاڻ شهادت جو جام پيئندا ويا ۽ "ڪسڻ جو قرار جيڪو اصل کان ٿي، امامن سين هو تنهن قول تي ابهم معصوم سميت ثابت قدم بيهي ڏيکاريائون!!!

عليءَ پٽ اُيام، ڪندا واڙو رڪ سين

صبر ڪري سور سهن، اصول تي اکين اڳيان اولاد ڪهائڻ تندون ابهمن کي پاڻيءَ لاءِ تڙپي تڙپي ساهه ڏيندو ڏسي، ثابت قدم بيهڻ، ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي محڪم ارادو ڪندڙ اصول جي پابندي ڪندڙ انسان، دنيا ۾ سختيون سهي ٿو، پر ابدي حياتيءَ جو مستحق ٿئي ٿو. شال ڪو دنيا خاطر دين برباد نه ڪري، شل ايمان تان هن دنيا جون سڙ حياتيون قربان ڪرڻ جي اسان کي قادر قوت ڏئي!!

انهيءَ منجهه آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي

بقايا	❀❀❀	01

رمضان کان عيد تائين رليف پيڪيج ۾ عام بازار کان گهٽ اگهه تي شيون ڏنيون وينديون ۽ مقرر جاين ڪانسواءِ مختلف علائقن ۾ غريب عوام کي ٽرڪن ذريعي سستيون شيون پهچايون وينديون. ان ڪانسواءِ موبائل ايپ جي استعمال جي رهنمائي لاءِ خاص وڊيو به جاري ڪئي ويندي، ڊجيٽل ٽيڪنالاجي وارو ڊيش بورڊ جوڙيو پيو وڃي ته جيئن موبائل اٽي جي وڪري جي نگراني ٿي سگهي. موبائل يونٽس جي هڪ کان ٻئي هنڌ منتقلي دوران اٽي جي فراهمي جاري رهندي، موبائل ۽ لائيو فوٽيج سان اٽي جي ورڇ جي مسلسل نگراني ڪئي ويندي. ان خاص پيڪيج تحت 3 ڪروڙ 96 لک خاندانن کي رمضان ۾ سستي اگهن تي ڪاڌي پيتي جون شيون ڏنيون وينديون ۽ رمضان رليف پيڪيج تحت حقدارن کي بازار کان 30 سيڪڙو سستيون شيون ڏنيون وينديون، اٽي تي في ڪلو 77 رپيا ۽ گيهه تي 70 رپيا في ڪلو سبسڊي ڏني ويندي.

بقايا	❀❀❀	02

۾ ٿيو جتي توهان رهو ٿا. هن چيو ته توهان جي گاڏي مان باقاعده خالي بيلٽ جرڙو هٿ ڪيو ويو، وڊيو تمام گهڻي وائرل ٿي آهي.

بقايا	❀❀❀	03

مرزا به تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته صوبائي گورنر ۽ پرڏيهي سفارتڪار به شريڪ ٿيا. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ نئين چونڊيل صدر کان حلف ورتو. حلف برداري ٿيندي ئي ايوان صدر جيئي ڀٽو جي نعرن سان گونجي اٿيو ان کان اڳ ملڪ جي نئين چونڊيل صدر آصف علي زرداري کي صدارتي پروٽوڪول ۽ سيڪيورٽي ڏني وئي. ذريعن موجب آصف زرداري کي صدارتي پروٽوڪول ۽ سيڪيورٽي ڏني وئي آهي اهو حلف برداري جي تقريب کان اڳ ايوان صدر منتقل ٿي ويندو. نئين چونڊيل صدر جو اهم سامان ان جي پرسنل سيڪريٽري رخسانه بنگش جي نگراني ۾ ايوان صدر منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي چيني صدر شي جن پنگ آصف علي زرداري کي پاڪستان جون 14 هون صدر چونڊجڻ تي واڌايون ڏنيون آهن. پنهنجي واڌائين جي پيغام ۾ چيني صدر جو چوڻ هو ته پاڪ چين پراڻي دوستي، تاريخ ۽ عوام جو خزانو آهي، چين ۽ پاڪستان سدا پاڙيسري، دوست، ڀائيوار ۽ ڀائر آهن. شي جن پنگ چيو ته ٻنهي ملڪن سي پيڪ جي تعمير ۾ هاڪاري نتيجا حاصل ڪيا. پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اعليٰ سطحي ڏي وٺ برقرار رکي ۽ ٻنهي ملڪن بنيادي مفادن بابت معاملن تي هڪ ٻئي جي حمايت ڪئي. چيني صدر پنهنجي پيغام ۾ چيو ته چين ۽ پاڪستان جي اهميت وڌيڪ نمايان ٿي وئي آهي، مختلف شعبن ۾ عملي سهڪار اڳتي وڌائڻ لاءِ صدر زرداري سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا	❀❀❀	04

جنرل سيد عاصم منير ۽ سمورن سروسز سربراهن به شرڪت ڪئي. تقريب ۾ بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري، آصف ڀٽو زرداري، سينيٽرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر، پارٽي اڳواڻن ۽ جيالن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. حلف برداري کانپوءِ آرمي چيف ۽ سروسز چيفس آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي مبارڪباد ڏني. حلف برداري واري تقريب کانپوءِ چيف جسٽس لابي ۾ بلاول ڀٽو زرداري سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، جڏهن ته تقريب ۾ چيف جسٽس جي گهرواري ساران عيسيٰ به موجود هئي. آصف

زرداري انگريزي ٻوليءَ ۾ حلف کنيو ۽ حلف کڻڻ بعد صدر هائوس ۾ آيل مهمانن کي چانهه ۽ پيسٽري جو توجهه ڏنو ويو. تقريب جي پڄاڻي تي صدر زرداري ۽ وزيراعظم انفرادي طور تي مهمانن سان هٿ ملايو. تقريب ۾ مسلم ليگ ن جي قائد نواز شريف به شرڪت ڪئي. آرمي چيف نواز شريف، بلاول ڀٽو زرداري سان هٿ ملايو ۽ مختصر ملاقات ڪئي. پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز صدر آصف زرداري جي حلف برداري تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي، جڏهن ته خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور به دعوت ملڻ باوجود تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي

بقايا	❀❀❀	05

يا پارٽي ۾ شامل ٿي سگهي ٿو پنهنجي ڪابينا جي ڪارڪردگي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته نگران حڪومت ۾ فواد حسن فواد، محمد علي ۽ نالي واري وزير شمشاد اختر جي ڪارڪردگي بهترين هئي انورحق ڪاڪڙ جو چوڻ هو ته عالمي دوري دوران ڪيس رکڻو تاريخون تحفي طور ملنديون هيون ۽ ڪاڌي پيتي جو سامان الماري ۾ جمع نه هوندو هو

بقايا	❀❀❀	06

وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي، علائقي جي چوڌاري سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. صحافين سان ڳالهين دوران ايس ايس پي چيو ته ڌماڪي ۾ 4 کان 5 ڪلو بارودي مواد استعمال ٿيو پر حدف ڪير هو اهو چوڻ وقت کان اڳ هوندو، جاچ ڪري رهيا آهيون. ٽئي جوابدار هڪ موٽرسائيڪل تي سوار هئا. بم ڊسپوزل يونٽ جي رپورٽ موجب ڌماڪو خودڪش نه هو پر بارودي مواد جي منتقلي دوران ڌماڪو ٿيو جاچ ٿيڻ موجب ڌماڪي ۾ ڪو به سويلين فوت ناهي ٿيو پر موٽر سائيڪل تي سوار دهشتگرد پاڻ ئي بارودي مواد جو شڪار ٿي ويا. ٽارگيٽ کان اڳ موٽر سائيڪل سوارن سان گڏ پيل بارودي مواد ڦاٽي پيو جنهن دوران 2 دهشتگرد مارجي ويا. گرفتار دهشتگرد جي عمر 28 کان 30 سال جي وچ ۾ آهي، وڌيڪ ڄاڻ تحقيق کان پوءِ سامهون آندي ويندي. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور ڌماڪي جي مذمت ڪندي آءِ جي پوليس کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪئي. وزيراعظم دهشتگرد حملو ناڪام بڻائڻ تي پشاور پوليس جي تعريف ڪندي چيو ته رب پاڪ جو شڪر آهي ته اسان وڏي نقصان کان بچي وياسين. وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي خلاف پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون رائيگان نه وينديون اسان سڀ انهن سان گڏ آهيون ۽ دهشتگردي کي جڙ کان ختم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون. پوليس موجب ڌماڪي جي شروعاتي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته واقعي ۾ ڪنهن به شهري کي نقصان ناهي پهتو، مارجي ويل ۽ زخمي ٿيندڙ دهشتگرد آهن جن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. مارجي ويل ۽ زخمي دهشتگرد جو تعلق پشاور سان آهي جيڪو سي ٽي ڊي کي گهربل هو. دهشتگردن کان موبائل فون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو آهي.

بقايا	❀❀❀	07

۽ ٻين ڪيترن ئي پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. عام چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ ڪارڪن تحريڪ انصاف باني جي سڏ تي ريلي جي صورت ۾ جي پي او چوڪ لاهور پهتا. ريلي جي اڳواڻي تحريڪ انصاف اڳواڻ علي اعجاز بٽر ڪئي. پي ٽي آءِ جي سينئر اڳواڻ سردار لطيف کوسه کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. لطيف کوسه جي پٽ شهباز کوسه ٻڌايو ته والد چونڊن ۾ ڌانڌلي جي خلاف احتجاج

ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ ناري ڏهاڙو ملهايو ويو، ساجهاهر وڌن پاران شرڪت

نذهت شيرين، پروفيسر سحر امداد، روبينه چانڊيو، شازيه نظاماڻي، ڊاڪٽر شهنيلا زرداري شريڪ

سماجي، انساني حقن ۽ عورت حقن جي ڪارڪنن، سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ ناهيد ساگر پهنور) ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ ناري ڏهاڙو ملهايو ويو ... جنهن ۾ وومين [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

اسان عظيم ماڻهو وڃائي ويٺا آهيون پير حامد سرهندي فرد نه پر ادارو هو: مليرو تقريب

سينيئر صحافي اديب ليکڪ ۽ دانشور پير حامد سرهندي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو منعقد

ليکڪن، سماجي ڪارڪنن، صحافين سميت مختلف مکتب فکر جي ماڻهن جي شرڪت

ملير (...) سينيئر صحافي اديب ليکڪ ۽ دانشور پير حامد سرهندي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

ڪراچي ۾ "عظمت والدين مصطفي ڪانفرنس" منعقد درگاهن جي سجاده نشين جي پيرن شرڪت

عظمت والدين مصطفيٰ ڪانفرنس ۾ پيردلبر سائين جي تصنيف ٿيل ٻن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي

دنيا ۾ والدين عزت عظمت وارا هوندا آهن پر اسان جي آخرالزمان نبي صه جا والدين بي مثال آهن: علماء

ملير (رپورٽر فاروق پنهور) ڪراچي ملير [illegible] پيردلبر سائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪس ايسوسيئيشن جي تعارفي ڪچهري منعقد

ڪي اين شاهه لاءِ آرگنائيزر پڻ مقرر ڪيا ويا ۽ هفتي اندر تعلقن جون باڊيون ناهيون وينديون: اڳواڻ

عرفان علي ڏاوچ، ممتاز علي شيخ، الهورايو ڀهنور، قمرالدين سولنگي، محمد آچر شاهاڻي ۽ ٻيا شريڪ

نوشهروفيروز (...) هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪس ايسوسيئيشن جي تعارفي ڪچهري ضلع صدر [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

ناڳن چورنگي جي فوٽ پاٿ تي سٽل باگڙي پورهيتن جي فوتگي واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي سڏ تي عوامي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو

پريس ڪلب اڳيان مقتولن جي وارثن رتني ٻائي ۽ رميش اوڊ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ملير (...) ڪراچي ناڳن چورنگي جي فوٽ پاٿ تي سٽل باگڙي پورهيتن ... واري واقعي خلاف ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي سڏ تي عوامي ... ڊرائيور کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو حڪومت ... نشي ۾ ڌت گاڏي جي ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي عطائي نيٽورڪ ٽوڙ ٽيم پاران ڪارروائي

اوير ضلعي جي بلوچ ڪالوني ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو سينٽر سيل ڪري ڇڏيو

جوڻيجو ٽائون بلوچ ڪالوني ۾ قائم علي ميڊيڪل سينٽر تي ڇاپو هڻندي سيل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي عطائي نيٽورڪ ٽوڙ ٽيم عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪندي اوير ضلعي جي بلوچ ڪالوني ۾ سينٽر سيل ڪري ڇڏيو. سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ... عطائي ڊاڪٽرن جو ميڊيڪل ... ڪوئڪري ۽ جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪوئڪري ڊاڪٽر ... ريحان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ڪراچي ناڳن چورنگي جي فوٽ پاٿ تي سٽل باگڙي پورهيتن تي گاڏي چاڙهي ڇڻن ڄڻن کي مارڻ ۽ ٻن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي سڏ تي عوامي پريس ڪلب اڳيان مقتولن جي وارثن رتني ٻائي ۽ رميش اوڊ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهرو ڪندڙن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا جيڪي قاتلن کي گرفتار ڪريو انصاف ڪيو انصاف ڪيو جا اپ ڏاريندڙ نعرا هڻندا رهيا ۽ نشي ۾ ڌت گاڏي جي ڊرائيور کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن رتني ٻائي ۽ رميش اوڊ خطاب ڪندي چيو ته 2 هفتا اڳ نشي ۾ ڌت ڊرائيور ناڳن چورنگي فوٽ پاٿ تي سٽل غريب پورهيت باگڙين مٿان گاڏي چاڙهي ڇڻن ڄڻن ٻلي اشوڪ شري رام ۽ سيتا رام کي ماري ڇڏيو ۽ ٻن ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو هنن چيو ته قاتل ڊرائيور ڀڄي فرار ٿي ويو جنهنجي گاڏي پوليس پنهنجي حراست ۾ وٺي ڇڏي آهي پر پوليس جي عدم دلچسپي سبب قاتل اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هنن مطالبو ڪندي چتاءُ ڏنو ته نشي ۾ ڌت ڊرائيور کي حڪومت قاتلن کي گرفتار نه ڪرايو ته هزارين ماڻهن طرفان سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 01 سنڌيار

[illegible]

بقايا 02 سنڌيار

[illegible]

بقايا 03 سنڌيار

[illegible] سيڪريٽري، مفتي عمران کي پريس سيڪريٽري، مولانا اڪبر بجير، ڊائريڪٽر فنانس ۽ قاري شهاب الدين ڪيهري کي سالار جي طور چونڊيو ويو.

بقايا 04 سنڌيار

صدارتي چونڊن ۾ گڏيل طور تي نامزد اميدوار پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي پاڪستان جو صدر چونڊجڻ جي خوشي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي اڳواڻ ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ٺٽو 2 تان تازو ٿيندڙ عام چونڊن ۾ چونڊيل ميمبر سنڌ اسيمبلي حاجي علي حسن زرداري پاران سندس هڪ وفد جنهن ۾ حاجي علي حسن زرداري جو پرسنل سيڪريٽري شاهنواز لوهار، ترجمان محسن هائوس غلام مصطفي' سمون ۽ نظير زرداري ٺٽو پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب ٺٽو جي صدر اقبال جاکرو، جنرل سيڪريٽري وهاب شيخ سميت پريس ڪلب جي ميمبرن کي مٺائي کارائي ۽ خوشي جو اظهار ڪيو انهي موقعي تي ٺٽو پريس ڪلب سمور جا ميمبر ۽ سينيئر صحافي ڪي بي بروهي، منصور جلالاڻي، رشيد جاکرو، نظير جاکرو، پورو سرڪي صديق ميمڻ، مرزا حسن بيگ، رحمت الله چنو، ذوالفقار عيسي' سميت ٻيا صحافي پڻ موجود هيا جڏهن ته ٻي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي، پيپلز پارٽي ٺٽو سٽي جي صدر ۽ ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي وائس چيئرمين عزيز ميمڻ (پڪيڙو) پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي اڳواڻ رضا خشڪ پڻ ٺٽو پريس ڪلب پهچي آصف زرداري جي پاڪستان جو صدر چونڊجڻ جي خوشي ۾ پريس ڪلب ٺٽو پهچي صحافين کي مٺائي کارائي مبارڪون پيش ڪيون ۽ خوشي جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 05 سنڌيار

عوام سان يڪجهتي جي اظهار ۽ غزه ۾ صهيوني فوج جي بربريت خلاف بدين ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ ريلي ڪڍي وئي. مظاهري کي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير ممتاز حسن سهتو ضلع بدين جي امير سيد علي مردان شاهه گيلاني خطاب ڪندي ڪيس هن چيو ته غزه ۾ ٿيندڙ انسانيت جي قتل عام تي بي حس مسلمان حڪمرانن سميت پوري دنيا خاموش تماشائي بڻيل آهي. فلسطيني ٻار، پوڙها ۽ عورتون بک، اڃ، سردي ۽ بمباريءَ ۾ شهيد ٿي رهيا آهن. اسلامي ملڪن کي گهرجي ته اهي ننڍا ننڍا اختلاف ختم ڪري امت جي اتحاد، جنگ بندي ۽ فلسطينين جي امداد کي يقيني بڻائين ان موقعي تي فتح خان ڪوسو علي گل سليم عثمان اياز لطيف عبدالڪريم بليدي ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

بقايا 06 سنڌيار

اڳواڻي ڪندڙ ضلعي امير غلام مصطفي ميراڻي، عبيد الله گولو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسرائيل کلي دهشتگري ڪري فلسطين جي عوام جي نسل ڪشي ڪري رهي آهي ۽ عالمي دنيا اسرائيل جي طرفان فلسطين جي عوام جي نسل ڪشي تي خاموش رهڻ افسوس جوڳو عمل آهي هنن عالمي دنيا کان مطالبو ڪيو آهي ته اسرائيل جي جاري جارحيت خلاف ۽ فلسطين جي عوام جي حق ۾ آواز اٿاري فلسطين مٿان جاري حملا بند ڪرايا وڃن

بقايا 07 سنڌيار

۾ بهترين روڊ جو ڪم شروع ان موقعي تي يوسي ڦل جي چيرمين فهد الله ڦل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو صاحب جي ڪوٽا مان عيدگاهه جو روڊ منظور ڪرايو هو اهو اڄ ڪم تيزي سان هلي پيو عيدگاهه جو رستو جڏهن برسات پوندي هيي ڏاڍي تڪليف ايندي هيي عوام کي جڏهن فوتگي ٿيندي هيي ته عوام وڏو مشڪلات ۾ اچيي ويندو هو ان تڪليف کي مدي نظر رکندي عيدگاهه ڦل جو روڊ ڪم ڪرايو آهي عيدگاهه ڦل جي محلي صفايي بهترين نموني ڪرايي ويندي انشاءالله پاڪستان پيپلزپارٽي اڄان وڌيڪ عوام جي خدمت ڪندي اڄان شروعات آهي هڪ مهيني کان آر او پلانٽ لڳايو ويندو

بقايا 08 سنڌيار

جي اڳواڻي ۾ مين بس اسٽاپ حيدرآباد روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ملڪ جي اندر جنرل [illegible]

بقايا 09 سنڌيار

[illegible]

بقايا 10 سنڌيار

[illegible] مان اسان جو معمار مستقبل پنهنجي عام رواجي راندين کان الڳ تعليمي شعبي جي ذريعي راندين کي پنهنجي سرگرمين جو اهم حصو بڻائي ۽ سندن ذهني نشونما ۾ اضافو ٿي سگهي. انهي موقعي تي راندين ۾ حصو وٺندڙ شاگرديائين کي پوزيشن حاصل ڪرڻ تي شيلڊس، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. فيسٽيول ۾ عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ مختلف شعبن جا اسٽال لڳائي نمائش پڻ ڪرائي وئي. فيملي فيسٽيول ۾ ميوزيڪل شو، ميجڪ شو پڻ ڪرايا ويا.

بقايا 11 سنڌيار

سائين سان گڏجي پير پلو جي تاريخي قبرستان ۾ دفن ٿيل نياڻين جي تعليم لاءِ ڪامياب ڪاوشون ڪندڙ سياسي سماجي شخصيت حاجي عبدالقادر لاشاري جي اٺين ورسيءَ جي موقعي تي SCF ضلع ٺٽي طرفان سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ بعد ڳالهائيندي چيون ان موقعي تي صادق لاکو سميت سينيئر پرائمري استاد سائين محمد صالح ميمڻ، نوجوان شاعر سيد غلام محمد شاهه لڪياري، محرم علي پنهور، وڏيرو محمد شريف جاکرو، نوجوان شاعر استاد سيد عبدالله شاهه، شهباز علي جاکرو ۽ ٻين حاجي عبدالقادر لاشاريءَ جي ڪيل تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي چيو قادر لاشاري پنهنجي علائقي جي اسڪولن جي مالڪيءَ لاءِ عملي طور ساراهه لائق جاکوڙ ڪئي ۽ ڪيترين ئي نياڻين اڄ اهم منزل تي آهن، سنڌ حڪومت مختلف جواز بڻائي خاص طور پرائمري اسڪولن کي حب، ڪلسٽر، ڪيمپس سسٽم ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ پڙهائيندڙ استادن کي بايوميٽرڪ سميت ٻين طريقن سان پريشان ڪيو پيو وڃي، هتن وڌيڪ چيو ته پرائمري اسڪول پوليءَ جي بقا ”بچاءَ جا مورچا آهن جن کي بچائڻ لاءِ گهڻ رخيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون هتن وڌيڪ چيو ته اڄ اسان کي قادر لاشاري جهڙن تعليم دوست ڪردارن جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 12 سنڌيار

بڪ ڪيا وڃن ٿا ۽ اسان روز نادرا آفيس جا چڪر ڪٽيون ٿا اسان ڀهراڙي کان اچون ٿا ڪرايو ڪري ۽ پنهنجي ٻچن جو به گذارو هن دور ۾ مشڪل آهي اسان وٽ ايترا پيسا نه آهن جو نادرا آفيس جا چڪر ڪاٽيون ٿا ماڻهن مظاهرو ڪري ٻڌايو ته نادرا آفيسر لقمان ڪند دير سان اچي ٽوڪن ٿو جاري ڪرائي صبح جو سوير مرد ۽ عورتون لائين ۾ بيٺون آهن ۽ اوهان جي آفيس دير سان کلندي آهي ۽ عوام 3 کان 4 ڪلاڪ بيٺو هوندو آهي ڪجهه مرد ۽ بيواهه پيرو آهن جيڪي صبح کان بيٺيون آهن هتن جا مسعلا حل ڪيو هئي ڀيهراڙي کان آيا آهن ڪرايو ڪري يا ٽوڪن جو دائرو وڌايو يا گاڏي واري مشين کي به هلايو ان ته لقمان ڪند سخت الفاظ ۾ چيو ته مان پئسا ڏئي پوسٽنگ ڪرائي آهي مظاهرو ڪندڙ مونکي ڪجهه به نٿا ڪري سگهن مان 2 سو ٽوڪن کان مٿي نه هلائيندس پلي روز اچن مون کي ڪا به پرواهه نه آهي نوشهروفيروز جي عوام جي اپيل آهي وزيراعظم پاڪستان ۽ وزيراعلا سنڌ کي ته هن نادرا آفيسر کي هٽايو وڃي جنهن کي عوام جو درد ۽ تڪليف محسوس نه آهي

بقايا 13 سنڌيار

جي سڏ تي ملڪ ۾ جعلي اليڪشن ۾ جعلي مينڊيٽ تي ڪامياب ٿيل اميدوارن خلاف نئونڪوٽ ۾ جي ڊي اي جمعت اسلامي پي ٽي آئي پاران نئونڪوٽ پريس ڪلب اڳيان فقير يعقوب خان چانڊيو لياقت قائمخاني فقير اسحاق چانڊيو فقير اسلم چانڊيو مجيد قائمخاني ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيس اڳوڻن چيو ته 2024 جي اليڪشن نه هئي هڪ فراڊ هو 45 فارم تحت ڪٽلن کي هٽ سان هارايو ويو آهي جعلي اليڪشن کي اسان رد ڪيون ٿا جعلي اليڪشن ذريعي نهيل حڪومت ڪجهه مهينن تائين هلي نه سگهندي اسان جي جدوجهد جعلي حڪومت ختم ٿيڻ تائين جاري رهندي

بقايا 14 سنڌيار

سگهيا آهن. ان سلسلي ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي اميدوارن پاران سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. آئي بي اي پاس استادن اميدوارن اڄ سجاول ۾ احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استادن جي ڪوٽ پوري نه ٿي سگهي، استادن جي ڪوٽ سبب سنڌ جي لکين ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. 25 هزار کان وڌيڪ ويٽنگ لسٽ ۾ موجود بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار اڍائي سالن کان آفر آرڊر ۽ جوائننگ ملڻ جي آسري ۾ ويٺل آهن. ڀرتي جي عمل تي بندش سبب اهي اميدوار پريشاني ۾ مبتلا آهن. سنڌ ۾ پيپلزپارٽي گڏريل حڪومت جي آخري مهيني ۾ لڳايل پابندي نگران صوبائي حڪومت جي دور ۾ برقرار رهي. پيپلزپارٽي جي اڳوڻي چونڊيل حڪومت ۾ اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جي لاءِ آئي بي اي ذريعي استادن کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. جنهن ڪانپوءِ 2021ع ۾ آئي بي اي پاران بي ايس ٽي ۽ جي ٽي ايس تي استادن جي ڀرتي جي لاءِ الڳ الڳ ٽيسٽون ورتيون ويون. جنهن دوران سنڌ ڪابينا جي منظوري سان ٽيسٽ ۾ 40 سيڪڙو ۽ ان کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرڻ جي پاليسي جوڙي ڀرتي واري عمل کي اڳتي وڌايو ويو. جنهن ۾ هزارين اميدوار ڀرتي به ٿي چڪا. پر تنهن هوندي به اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ پوري نه ٿي سگهي ۽ بند پيل اسڪول به کلي نه سگهيا ۽ اڍائي سالن جي عرصي دوران وڏي تعداد ۾ استاد پڻ رٽائرڊ ٿي چڪا آهن ۽ رٽائرڊمينٽ جو ريشو اڃا گهڻو وڌي رهيو آهي، جنهن ڪري اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ روز جي بنياد تي وڌي رهي آهي. اڳوڻي سنڌ حڪومت ڪجهه تعلقن کي هارڊ ايريا قرار ڏئي اتي 33 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو. سنڌ حڪومت ڪجهه تعلقن ۾ 40 سيڪڙو تائين اميدوارن پاران مارڪون حاصل نه ڪرڻ ۽ پاسنگ جو ريشو گهٽ هجڻ تي انهن تعلقن ۾ ٻيهر ٽيسٽ وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. ٻيهر به ٽيسٽ ورتي وئي ۽ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پيپلزپارٽي جي اڳوڻي سنڌ حڪومت جي آخري ٻن هفتن ۾ استادن جي ڀرتي تي بندش لڳائي وئي. جيڪا اڃا تائين برقرار آهي. ان ڪري 40 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ 25 هزار کان وڌيڪ اميدوار آفر آرڊر ۽ جوائننگ ملڻ جي لاءِ پريشان آهن. واضح رهي ته ان کان اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ سکر اهو حڪم ڏئي چڪي آهي ته استادن جي ڪوٽ پوري ڪرڻ ۽ بند پيل اسڪول کولرائڻ جي لاءِ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي. آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن طاهر سومرو احسان عيسي ڀجورو الطاف زئور رئيس وقار لغاري منير زئور سالم سومرو بقا درس منيش ڪمار ۽ ٻين جو چوڻ هو آهي ته اڳوڻي سنڌ حڪومت بنا جواز استادن جي ڀرتي تي بندش لڳائي. تعليم کاتي جي اڳوڻي سيڪريٽري اڪبر لغاري ريندي ويندي ڀرتي جي سڄي مرحلي کي روڪي سنڌ جي هزارين نوجوانن سان ناانصافي ڪئي. ان ڪري اميدوار تمام گهڻو پريشان آهن. هنن چيو ته اسان جو اڍائي سالن کان وڌيڪ عرصو ويٽنگ جي ٻهاني ۾ آسري ۾ گذري ويو آهي. اڍائي سال اسان جا ضايع ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن اسان کي جلد آفر آرڊر ڏئي ڀرتي نه ڪيو ويو ته اسان جون زندگيون داءِ تي لڳي وينديون. ذهني اذيت جو شڪار آهيون. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڪين ڀرتي نه ڪيو ويو ته هزارين جي تعداد ۾ سڄي سنڌ جا نوجوان سي ايم هائوس جو رخ ڪندا

بقايا 15 سنڌيار

نوابشاهه منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي ماڙي جلباڻي پوليس قتل ۾ ملوث جوابدار محمد جمن سابقي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته فوتين جو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 16 سنڌيار

باگراڻي، رمضان باگراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ جي زمينن تي غيرقانوني والار ڪري ڪيل نيلامي سنڌ جي اصل ڌرتي ڌڻين کان پنهنجون زمينون کسڻ جي سنڌ دشمن سازش آهي. سنڌ جي ٻيٽن، پيداواري وسيلن تي قبضا ڪري سنڌ جي زمينن جي والار شروع ڪئي وئي آهي. سنڌ دشمن منصوبن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ خلاف رٿيل سازشون بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 17 سنڌيار

شهرين کي چوويهه ڪلاڪ پاڻي مهيا ڪيو ويندو. چيئرمين جام احسان جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واٽر ڪارپوريشن طرفان ممڪن تعميراتي ڪم سبب ٽن مهينن جي لاءِ شهر جو پاڻي بند ڪيو پئي ويو پر انتظاميا سان ڳالهيون ڪري گهارو شهر جو پاڻي بحال ڪرائي شهرين کي پريشاني کان بچايو ويو آهي ۽ نئين لائين لڳڻ ڪانپوءِ شهر ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي ان موقعي تي شهر جي ڪائونسلرن ۽ شهرين شرڪت ڪئي دعا گهري نئين پاڻي جي لائين جو افتتاح ڪيو ويو. گهارو شهر واسين ٽائون چيئرمين جام احسان جوکيو ۽ ڪائونسلرن جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 18 سنڌيار

تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ٺٽي جي گرلس ۽ بوائز آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ 530 اميدوارن کي آفر ليٽر ته ڏنا ويا آهن پر جوائننگ اڃان تائين نٿي ڏني وڃي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته گذريل 8 مهينن کان آفيسن جا چڪر ڪٽي دربدر ٿي رهيا آهيون پر اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ڪونهي مظاهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪين جوائننگ ڪرائي پريشانين کان بچايو وڃي.

بقايا 19 سنڌيار

آيل پرڏيهين کي نيڪالي ڏيارڻ بجاءِ ڪين مستقل آباد ڪيو وڃي پيو. سنڌ مان بنگالي، بيهاري، برمي، افغاني جي نيڪالي واري منصوبي تي ڪو به عمل نه ڪيو وڃي پيو. افغانين کي مختلف ڊيٽ لائينون ڏئي صرف سنڌ جي عوام کي دوکو ڏنو ويو پر سنڌ کي يتيم خانو بڻائي پرڏيهين جي آبادي وارو عمل جاري رکيو ويو آهي جيڪو سنڌ ۽ پاڪستان جي اقتصادي وسيلن جي لٽ مار جو حصو آهي. هنن چيو ته سنڌ جي اتر وارن علائقن جي ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن جي اسٽيٽ ناهي وئي آهي جنهن جي خلاف حڪومتي سطح تي ڪو به متحرڪ آپريشن شروع نه ڪيو ويو آهي. هنن عالمي ادارن کان فوري طور سنڌ مان ڌارين جي آبادڪاري کي ختم ڪرائڻ سميت ڪچي جي زمين مان ڌاڙيلن جو خاتمو آڻڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 20 سنڌيار

ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار اڍائي سالن کان آفر آرڊر ۽ جوائننگ ملڻ جي آسري ۾ ويٺل آهن. ڀرتي جي عمل تي بندش سبب اهي اميدوار پريشاني ۾ مبتلا آهن. سنڌ ۾ پيپلزپارٽي گڏريل حڪومت جي آخري مهيني ۾ لڳايل پابندي نگران صوبائي حڪومت جي دور ۾ برقرار رهي. پيپلزپارٽي جي اڳوڻي چونڊيل حڪومت ۾ اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جي لاءِ آئي بي اي ذريعي استادن کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. جنهن ڪانپوءِ 2021ع ۾ آئي بي اي پاران بي ايس ٽي ۽ جي ٽي ايس تي استادن جي ڀرتي جي لاءِ الڳ الڳ ٽيسٽون ورتيون ويون. جنهن دوران سنڌ ڪابينا جي منظوري سان ٽيسٽ ۾ 40 سيڪڙو ۽ ان کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرڻ جي پاليسي جوڙي ڀرتي واري عمل کي اڳتي وڌايو ويو. جنهن ۾ هزارين اميدوار ڀرتي به ٿي چڪا. پر تنهن هوندي به اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ پوري نه ٿي سگهي ۽ بند پيل اسڪول به کلي نه سگهيا ۽ اڍائي سالن جي عرصي دوران وڏي تعداد ۾ استاد پڻ رٽائرڊ ٿي چڪا آهن. پر اڃا تائين سجاول ضلع جي آئي بي اي، بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي آسري ۾ رکيو ويو آهي جيڪڏهن اسان کي جلد آفر آرڊر ڏئي ڀرتي نه ڪيو ويو ته اسان جون زندگيون داءِ تي لڳي وينديون. ذهني اذيت جو شڪار آهيون هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڪين ڀرتي نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 21 سنڌيار

شهر جا ننڍا وڏا ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا. واپارين پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي شڪارپور آل سال ٽريڊرس اينڊ ڪاٽيج ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن حاجي سميع الله شيخ، آغا سرفراز خان، آغا ساجد خان، نصرت شهزاد، ڊاڪٽر غلام رسول، الاهي بخش شيخ، آغا نصيب الله، جاويد آرائين ۽ ٻين جو چوڻ هو ته شڪارپور ضلعو بدامني جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي. شڪارپور جا شهري ٽوڙي واپاري غير محفوظ بڻجي ويا آهن. اغوائون، ڦرلٽ ٽوڙي چورين جون وارداتون وڌي ويون آهن. اسين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪريون ٿا ته شڪارپور ۾ ڌاڙيلن خلاف سخت ڪارروائي ڪري پاڪ فوج جو آپريشن ڪيو وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

خش ملڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته مقابلي دوران گرفتار ٿيل ڌاڙيلن جا 2 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي ٿيل جوابدار ڦر، ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ گهربل هئا. جڏهن ته ٻيو مقابلو سي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ گڏاٽي ڦاٽڪ وٽ ٿيو پوليس مقابلي ۾ ظهور احمد ٽالي هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪري ورتا. مقابلي دوران 3 ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن جي ٿاڻن [illegible]

بقايا 23 سنڌيار

ڪارروائي ڪري شهرين کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي. ٻئي طرف گذريل رات گهجي شهر ۾ ٽن نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي ديوان واپاري راسو مل کي ان جي ئي دڪان ۾ يرغمال بڻائي ڪاٽنس هزارين روپيا روڪ رقم ۽ موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿيڻ بعد ساڳئين ڦورن گهجو لنڪ روڊ تان مير خان هالائيءَ کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪاب ڪارروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي.

بقايا 24 سنڌيار

جي صوبائي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽر جنرل محمد سليم خان، ڊائريڪٽر ايڊمن محمد يوسف ڪابورو، ڊويزنل ڊائريڪٽر حيدرآباد ارشاد علي چانڊيو سميت ڪاتي جي سمورن آفيسرن ۽ عملو پورنيئرن سان هن ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهن. هن دعا ڪئي آهي ته تعاليٰ مرحوم جي مغفرت، اعليٰ مقام ۽ جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. ضلعي اطلاعات آفيسر محفوظ علي سومرو چيو ته سينيئر صحافي مرحوم عبدالحسين مينڊرو هڪ پروفيشنل، با صلاحيت ۽ بهادر صحافي هو جنهن هميشه پنهنجي قلم ذريعي غريب ۽ مظلوم عوام ۽ ضلعي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪليدي ڪردار ادا ڪيو. سندس صحافتي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.

بقايا 25 سنڌيار

خاصخيلي، آصف مرڙائي، غلام الله بجاڻي، فضل رحمان، پرديپ ڪالاڻي جي اڳواڻي ۾ نئونڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ادارن کي ڏني وئي آهي جيڪو فيصلو سنڌي قوم کي قبول ناهي فوري طور تي فيصلو واپس وٺي سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين سنڌي ماڻهن حوالي ڪئي وڃي سنڌ ۾ منظم سازش تحت ڌارين کي آباد ڪري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي سنڌ ۾ موجود لکن جي تعداد ۾ افغاني بنگالين برمين ۽ بهارين کي سنڌ مان فوري طور تي نيڪالي ڏني وڃي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ کان بچايو وڃي سنڌ جي ڪچي وارن علائقن مان ڌاڙيل راج جو خاتمو ڪيو وڃي

بقايا 26 سنڌيار

لاءِ محمد بروهي، عمران مغل، ستار، عبدالحميد بروهي، منير بروهي، ممتاز ٻهر، سڪندر جمالي ۽ امجد جمالي وارن گڏجي منهنجي پٽ کي بليڪ ميل ڪري اسان جي رهڻ واري جڳهه وڪرو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ 80 لک رپين ۾ جڳهه وٺي 20 لک رپيا ڏنا آهن. اسان جي سامان جي پچ ڊاهه ڪئي ۽ اسانجي گهر اندر حملو ڪري 8 لک رپيا کڻي ويا ۽ رهيل ڄاءِ جو 50 لک رپيا به نٿا ڏين ۽ موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا مونکي ۽ منهنجي پٽ کي انهن مان جان جو خطرو آهي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو منهنجي احتجاج جو نوٽيس وٺن

بقايا 27 سنڌيار

پريس ڪلب ۾ احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته 8 فيبروري تي پ پ پ اميدوار ڌانڌلي سان کٽيا. جن جا ثبوت کڻي انصاف لاءِ عدالت ۾ ڀهتا سون. 17 تاريخ تي ميرخان، الله يار، يار محمد، شبير بجاراڻي، اشرف بجاراڻي ۽ فوجي نالي شخص سميت ٻين حملو ڪري اسان کي والد کي زخمي ڪيو. هنن چيو ته اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جرم بڻجي ويو آهي. شبير بجاراڻي ۽ ان جي ساٿين پاران حراسان ڪيو پيو وڃي. گهرن تي فائرنگ ڪئي پئي وڃي. پوليس به انهن سان مليل آهي. اسان جي فرياد نه ٿي ورتي وڃي. پوليس شبير بجاراڻي جي چوڻ تي تنگ ڪري رهي آهي. اسان مجبور ٿي ڪنڌڪوٽ بدران شڪارپور ۾ احتجاج ڪيو آهي. اسين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪريون ٿا ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 28 سنڌيار

ڊينڊي پي ٽي آءِ کي الوداع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ محسن سومرو جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ جون پاليسيون ملڪ دشمن بڻجي چڪيون آهن. جنهن سبب پي ٽي آءِ کي الوداع ڪريان ٿو

بقايا 29 سنڌيار

عاشق علي ڪوڪر جي گهر کي شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب پورهيت جي گهر ۾ پيل هنڌ بسترا سونا زيور موٽرسائيڪل رڪشا جي ڪاغذن سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو لڳل باهه تي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ضابطو آڻي ورتو باهه متاثر هن وقت ڪليل آسمان هيٺ ٻي يارومددگار ويٺل آهن باهه متاثر عاشق علي ڪوڪر گهرياتين عبدالقوي شاهد علي ڪوڪر ۽ ٻين سان گڏ مالي سهائتا لاءِ احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته باهه لڳڻ سبب الهه تلهه سڙي ويو آهي غريب مسڪين آهيون سارلڌي وڃي احتجاج ڪندڙن سنڌ سرڪار سميت چونڊيل نمائندن ۽ ڊي سي سکر کان مطالبو ڪيو ته مالي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 30 سنڌيار

رمضان المبارڪ کان اڳ به شهر ۾ صفائي جو نظام بحال نه ٿي سگهيو آهي شهر جي گنجان آباد علائقن ۾ ڪچري جا ڍير انهن مان پيدا ٿيندڙ بدبو پکڙجي رهي آهي جنهن سبب علائقي واسي پريشان بڻيل شهر جا ڪمرشل ۽ ڪاروباري مرڪز پڻ گندگي جو ڍير بڻجي ويا آهن صفائي جو نظام بهتر ڪرڻ لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن. انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتو صفائي جو نظام بهتر ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي ويا آهن. بيٺڻ جي پاڻي جي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ سيوريج سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ شهر جا مختلف علائقا گندگي ۾ پڪڙيل آهن. شهر ۾ صفائي سٿرائي جو عملو به ڪم ڪندي نظر نه ٿو اچي. رمضان المبارڪ کان اڳ انتظاميا اعلان ڪيو هو ته صفائي سٿرائي واري ڪم ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي شهرين ميونسپل ۽ سولڊ ويسٽ مئنيجمنٽ ڪمپني اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته صفائي سٿرائي جو نظام مڪمل بحال ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوي

بقايا 31 سنڌيار

وريام سنڌي، ڪامريڊ غلام نبي ٻهر، ڪاشف چانڊيو، شير خان ميمڻ، فياض ٻهر ۽ ٻين شهرين مهانگائي ۽ بدامني خلاف نعريبازي ڪئي. اڳواڻن چيو ته دادو ۾ سيپڪو ۽ گهريلو گئس صارفين کي ڳاتي ٽوڙ ماهوار بل موڪليا ويا آهن ۽ رمضان شريف کان اڳ ۾ ئي هتان جي واپارين ڪاڌي پيتي جون شيون مهانگيون ڪري ڇڏيون آهن هتراڏو اڳهه مقرر ڪيا ويا آهن انتظاميه نالي دادو ۾ ڄڻ ڪجهه نظرئي نه پيو اچي دادو ضلعي ۾ بدامني جو زور وڌندو وڃي پيو دادو شهر مان هڪ سرڪاري ۽ 3 خانگي اسڪولن مان قيمتي شيون چوري ٿيون آهن جنهن ڪري متاثر اسڪولن جا استاد ۽ شاگرد، شاگرديائيون سراپا احتجاج آهن ان موقعي تي هڪ پولڙو به عوامي احتجاج ۾ شرڪت ڪري مهانگائي وارو بيئر جهلي ٻيهي رهيو احتجاجي ريلي ۾ شريڪ مظاهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هتراڏو مهانگائي ڪندڙ واپاري ۽ دڪاندارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي دادو ضلعي ۾ بدامني جي باهه کي وسائڻ لاءِ وسيلا ڪتب آندا وڃن سيپڪو ۽ گئس صارفين سان ٿيل بلن جي مد ۾ ناانصافي لاءِ اعلي' سطحي ڪاميٽي جوڙي وڃي.

بقايا 32 سنڌيار

غلام قادر پنهور، رياض رند ۽ ٻين چيو ته ملڪ ۾ پيپرو پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪو چيئرمين آصف علي زرداري بڻيو آهي جنهن سان ملڪ خوشحال بڻبو، خصوصن سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ٿيندا، هنن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو آهي.

بقايا 33 سنڌيار

نامنظور ۽ عمران خان جي آزادي جا نعرا هنيا ويا ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن عرفان چانڊيو، محمد ايوب ڪوسو، علي اصغر شيخ، ظهير چانڊيو ۽ ايس يو پي اڳواڻ غلام قادر لغاري خطاب ڪندي چيو ته عالمي ادارن کان چوراپيل اليڪشن جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ فارم 47 تي ڪامياب ڊيڪاريل جعلي اسيمبلي ميمبرن زريعي چونڊيل اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر ۽ صدر پاڪستان جهڙا عهدا عالمي دنيا ۾ پاڪستان جي ساک کي سواليه نشان بڻجي ويا آهنان موقعي تي ضلعي اڳواڻ اڪبر گوپانگ، مجيد لغاري، احسان ملاح، محمد امين پنهور، محمد صالح، حليم لنڊ، تعلقي پريس سيڪريٽري شفقت گوپانگ (ڪونڊ) گوپانگ، مظهر گوپانگ، عامر گوپانگ، رشيد چانڊيو، عمران ملاح، اعجاز گوپانگ ۽ ٻيا ورڪر پڻ گڏ هئا

بقايا 34 سنڌيار

بي اي پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ ۽ JEST ۾ 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جي وڏي انگ نور حسين ڪوسو، بلاول پٺاڻ ۽ نياز محمد لنڊ جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ اميدوارن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 2021 ۾ پ پ پ جي حڪومت ۾ تعليم کاتي سنڌ پاران ٺهي پاليسي قائم ڪري پنهنجي منپسند علائقن کي هارڊ ايريا ڄاڻائي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري آفر آرڊر ڏنا. ٻي طرف آئي بي اي پاران پيپرن ۾ ڄاڻي واڻي غلطيون ڪيون ويون هيون. جيڪي منظرعام تي اچڻ کان پوءِ به گريس مارڪون نه ڏنيون ويون. گريس مارڪون صرف هارڊ ايريا ڄاڻايل علائقن جي اميدوارن کي ڏنيون ويون. هنن چيو ته سنڌ ۾ راڄ ڪندڙ پيپلزپارٽي جي حڪومت جي وزيرن سائنت ايريا ڄاڻائي سوين نوجوانن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو آهي. اميدوارن چيو ته سنڌ ۾ استادن جي ڪوٽ سبب اڄان به سوين اسڪول بند پيل آهن. اميدوارن چيو ته 30 مهينن کان لڳاتار سراپا احتجاج بڻيل آهيون. پر سنڌ حڪومت جي اکن تي ڪاري پٽي ٻڌل ۽ ڪنن ۾ ڪپهه پيل آهي. جنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين سنڌ حڪومت اسان جي مطالبن تي غور ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي، وزير اعلي سنڌ ۽ تعليم واري وزير سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ٺهي پاليسي ختم ڪري سڄي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري ميرٽ لسٽ ۾ شامل ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن.

بقايا 35 سنڌيار

قاتلن کي گرفتار نه ڪرايو ته هزارين ماڻهن طرفان سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو: اڳواڻن ۽ وارثن جو خطاب تفصيل مرجب

بقايا 36 سنڌيار

خان، ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪوئڪري ۽ ڊاڪٽر محسن صديقي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪوئڪري ۽ اويس سومرو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪوئڪري ۽ ڊاڪٽر نجيب ڪنياڻ ۽ ميڊيڪل ماهر ڊاڪٽر محمد سليم جي نگراني ۽ هيٺ، ايس ايڇ او بلوچ ڪالوني راٺو نعيم جي ٽيم سان گڏجي جوڻيجو ٽائون بلوچ ڪالوني ۾ قائم علي ميڊيڪل سينٽر تي ڇاپو هڻندي ان کي سيل ڪري عطائي ڊاڪٽر شبير ۽ علي نواز خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي ڇڏي. ياد رهي ته هي ميڊيڪل سينٽر اڳ ۾ به سيل ڪيو ويو هو.

بقايا 37 سنڌيار

آف وومين نذهت شيرين، پروفيسر سحر امداد، روبينه چانڊيو، شازيه نظاماڻي، ڊاڪٽر شهنيلا زرداد، انيس ميمڻ، فهميده رياض، انيتا پنجاڻي، سلطانه وقاصي، وحيد مهيسر، عبدالخالق جوڻيجو، پروفيسر اعجاز قريشي، غفار پنڊراڻي، پرويز ڀاٽيڻ سميت سياسي، سماجي، انساني حقن ۽ عورت حقن جي ڪارڪنن، سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن هنن چيو ته عورتون زندگي جي هر شعبي ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن، عورتن محنت ۽ لگن سان پاڻ مڃايو آهي. عورتون سماج جو اهم حصو آهن. تنهن ڪري اسان کي عورتن جي حوالي سان پنهنجي سوچ تبديل ڪرڻي پوندي. نياڻين کي تعليم، معاشي، سياسي سماجي آزادي ڏيڻي پوندي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته عورتن ۽ ٻارڙن سان ٿيندڙ جنسي حراساني جا واقعا سماجي ابتري جو ڪارڻ بڻجي چڪا آهن، اهڙا واقعا ڪنهن به صورت ۾ ناقابل قبول آهن سنڌ حڪومت عورتن ۽ ٻارڙن جي حوالي سان قانون سازي ڪئي آهي. قانون تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو وڃي. عورتن کي ليبر رائيٽس، ملڪيت مان حصو ڏيڻ سميت سمورا حق مهيا ڪيا وڃن. ان موقعي تي بختاور مظهر، پشپا ڪماري، سورٺ سنڌو، عائشه گذدر ۽ ٻين عورتن کي پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ پاڻ مڃائڻ تي مڃتا شيلڊ ۽ ايوارڊ ڏنا ويا. ان کان پهريان عبدالستار شاهه لطيف جي وائي ،. پولي منهنجي پانپياڻي ... ڳائي پروگرام جي شروعات ڪئي. جڏهن ته شاعر سحر امداد سنڌي ۽ اردو شاعري پڙهي ۽ فنڪارا نروڙا مالٹي پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ آفشين فاطمه ميمڻ پاران ڊانس پرفامنس ڪئي ۽ آخر ۾ مرڪ گروپ پاران ٿيٽر پيش ڪيو ويو.

بقايا 38 سنڌيار

صحافين سميت مختلف مکتب فکر جي ماڻهن جي شرڪت، پيرحامد سرهندي جهڙا ماڻهو جڏهن وڇڙي ويندا آهن تڏهن قدر پوندو آهي ته اسان عظيم ماڻهو وڃائي ويٺا آهيون پير حامد سرهندي فرد نه پر ادارو هو سندس ڪيل خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن. پير عبدالرحمان سرهندي، سيد خدا ڏنو شاهه، اشرف سمون، پير خليل جان، جاويد مهر ۽ ٻين جو خطاب تفصيل موجب: عوامي پريس ڪلب ملير طرفان پير حامد سرهندي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ تاليواري شاعرن اديبن ليکڪن صحافين ۽ سماجي شخصيتن پير حامد کي شاندار لفظن جي پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاهه، پير عبدالرحمان سرهندي چيو ته پير حامد سرهندي جو خال ڪڏهن به پرجي نه ٿو سگهي پير حامد جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن هن چيو ته پير حامد سرهندي گهڻ رُخي شخصيت هئي جنهن ملير ۾ صحافت جي شروعاتي دور ۾ ڀهراڙي وارن علائقن جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ هميشا متحرڪ رهيو سندس وڇوڙي سان وڏو نقصان ٿيو آهي پير حامد سرهندي جي فرزند عبدالخليل سرهندي چيو ته جيڪو جاتو آهي ان کي لازمي واپس رب جي طرف ورڻو آهي بابا جڏهن لائبريري ۾ داخل ٿيندو هو ته ائين محسوس ٿيندو هو ته ڪتاب هن جو پرجوش استقبال ڪري رهيا آهن اسان بابا جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪنداسين عوامي پريس ڪلب ملير طرفان هيءَ ميڙاڪو ڪوٺائي پاڻ مڃاير آهي آئون به عوامي پريس ملير جو حصو ٿيڻ چاهيان ٿو اشرف سمون، جاويد مهر، خليل واڊيلو، وحيد سيال، اي ڊي سي بشير ميمڻ چيو ته عوامي پريس ڪلب ملير پير حامد سرهندي جو تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺائي تمام بهترين ڪم ڪيو آهي پير حامد سرهندي جو خاندان ادبي ۽ روحاني ٽوڙي سياسي حوالي سان پنهنجو مٽ پاڻ آهي اسان کي پير حامد سرهندي جي نقش قدم تي هلي لائبريريون قائم ڪرڻيون پونديون ته جيئن نوجوان غلط راهه روي جو شڪار نه ٿين هنن چيو ته پير حامد سرهندي ملير جو تاريخي ڪردار هو جنهن جي گذاريل زندگي اسان لاءِ مشعل راهه آهي هنن چيو ته ملير جو وجود هن وقت خطري ۾ آهي ريتي بجري جي چوري ۽ لٽ مار ملير جي مٿان ٿهري ڪارروائيون آهن ملير جي تاريخ ۽ وجود کي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ميڙاڪي ۾ پير امان سرهندي، حاجي ظفر درس، سليم جي ميمڻ، پير عبدالقادر سرهندي، نويد جوکيو غلام نبي مگسي، لطيف راولاٽي، سامي ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي تعزيتي اجلاس کان اڳ پير حامد جان سرهندي جي ايصال ثواب لاءِ قرآني خواني پڻ ڪرائي وئي

بقايا 39 سنڌيار

جي تصنيف ٿيل ٻن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي، نبي ڪريم صه جن جا والدين وڏي عظمت ۽ شان وارا آهن، جن جي تعريف ڪرڻ سان روح کي به سڪون ملي ٿو، دنيا ۾ والدين عزت عظمت وارا هوندا آهن پر اسان جي آخرالزمان نبي صه جا والدين بي مثال آهن. تاريخي جلسو ثابت ٿيو آهي، پيردلبر سائين، پيرمنل سائين، پيرساجن سائين خبرموجب: دربار عاليه صالح آباد شريف دنيا گوٺ ملير ۾ تحريڪ انصارالمسلمين پاڪستان جي سربراهه پيرمحمد ڪرم الله الاهي المعروف پيردلبر سائين پاران عظيم الشان اجتماع بعنوان "عظمت والدين مصطفي' ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي جنهن ڪانفرنس ۾ سنڌ پنجاب بلوچستان جي درگاهن جي سجاده نشينن مشائخ عظام، علماء ڪرام، حفظاء ڪرام جماعت اهلسنت ڪرمي جماعت سميت سياسي سماجي ادبي شخصيتن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ڪانفرنس تقريب دوران پيردلبر سائين جا تصنيف ٿيل "غظمت والدين مصطفي'" ۽ "نبي جا اباڻا" ٻن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي، ڪانفرنس کي خطاب ڪندي تحريڪ انصارالمسلمين پاڪستان سربراهه پيرمحمد ڪرم الله الاهي قادري المعروف پيردلبر سائين عظيم الشان اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا ۾ والدين کي اهميت حاصل آهي پر نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جا والدين بي مثال ۽ وڏين عظمتن وارا آهن، حضرت عبدالله حضرت بيبي آمنه جن جو ڪوبه مٽ ثاني ناهي، ٻنهي جهانن جو سردار سندن جي گود ۾ آيو اسين خوش قسمت امت منجهان آهيون جيڪو نبي ڪريم صه اسان کي مليو اهو حضرت عبدالله عليه سلام ۽ بيبي آمنه سائڻ سلام الله عليه جن جي پاڪ بدن مان ظهور ٿيا، ان موقعي تي پيرعبدالغفار پيرمنا ثاني، پيرفضل الله الاهي، پيرخليل الله الاهي، پيرعطا الله، پيرشفيع الله، صاحبزاده پير ساجن سائين ڪرمي، صاحبزاده پير منل سائين ڪرمي، صاحبزاده عبدالقادر ڪرمي، صاحبزاده سهڻل سائين، صاحبزاده باقي با الله ڪرمي، صاحبزاده محمد زمان ڪرمي، پيرپنهل سائين ڪرمي، علامه وڏل سائين، مفتي بدل سائين، پير شعاعت الحق قادري، پيرشمس الدين غفاري، سيد منيراحمد احمد شاهه ذاڪري، سيد غلام شاهه رضواني جيلاني، مفتي پيرشفيق احمد قادري، پير قاضي احمد نعيمي ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته عظيم الشان جلسي ۾ اڳوڻو ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جو ڀائيٽيو پ پ پ اڳواڻ زبير احمد خان جوڻيجو، غلام عباس جوڻيجو، مفتي غلام غوث قادري، علامه سيد عثمان شاهه جيلاني، علامه مفتي وسيم اختر مدني، علامه مفتي شاهد بنگالوي، مفتي رجب علي سڪندر، سيد غلام علي شاهه، سيد مهتاب اڪبر صديقي، علامه مفتي قاضي محمد عامر، مفتي گل حسن نعيمي، پيرمفتي خليل جان، حافظ علي اڪبر قاسمي، مفتي غلام غوث صابري، مفتي مڪرم قادري، مفتي دوست علي سڪندري، علامه خليل احمد چنو، سائين محمد حسين ڪرمي، خليفه منظور احمد ماهرو، سيد احمد شاهه جيلاني، عطامحمد ملاح، صحافي ممتاز علي ملاح، صحافي فقير علي محمد ڪنير، غلام عباس نائچ، ظهير عباس جوڻيجو، صحافي سامي ميمڻ، صحافي جامي ميمڻ، علامه محمد شريف ڪنير ۽ ٻين عالمن سڳورن سجاده نشينن جماعت اهلسنت تحريڪ انصارالمسلمين جي هزارين ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 40 سنڌيار

۾ ٿي جنهن ۾ اعزازي مهمان صوبائي نائب صدر محمد قاسم ڪوسو جن هئا جنهن ۾ تعلقه دادو تعلقه جوهي تعلقه ڪي اين شاهه لاءِ آرگنائيزر پڻ مقرر ڪيا ويا ۽ هفتي جي اندر تعلقن جون باڊيون ناهيون وينديون ۽ ان کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويندا ان موقعي تي ميهڙ تعلقه جو صدر مختيار علي ڪوسو ۽ جنرل سيڪريٽري منظور علي ڪنير شرڪت ڪئي جنهن ۾ هنن چيو ته ميهڙ جي باڊي مڪمل آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ٿيل آهي ان تي ڪين ميهڙ جي دوستن کي مبارڪون پڻ ڏنيون هن ميٽنگ ۾، لياقت علي سولنگي، رانا ممتاز علي راجپوت، عرفان علي ڏاوچ، ممتاز علي شيخ، الهورايو ڀهنور، قمرالدين سولنگي، محمد آچر شاهاڻي محمد الياس ڪابورو، جاويد اختر سومرو، سعيد احمد ميمڻ، محمود خان چانڊيو، محمد عظيم ڪوسو، ارشاد علي برهماڻي، عبدالوحيد سومرو، خالد حسين سيلرو، منصور علي ٻبر، عبدالوحيد ميمڻ ۽ ٻين وڏي اڪثريت سان ٻئراميڊڪس ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي ۽ ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو

بقايا 41 سنڌيار

جي تصنيف ٿيل ٻن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي، نبي ڪريم صه جن جا والدين وڏي عظمت ۽ شان وارا آهن، جن جي تعريف ڪرڻ سان روح کي به سڪون ملي ٿو، دنيا ۾ والدين عزت عظمت وارا هوندا آهن پر اسان جي آخرالزمان نبي صه جا والدين بي مثال آهن. تاريخي جلسو ثابت ٿيو آهي، پيردلبر سائين، پيرمنل سائين، پيرساجن سائين خبرموجب: دربار عاليه صالح آباد شريف دنيا گوٺ ملير ۾ تحريڪ انصارالمسلمين پاڪستان جي سربراهه پيرمحمد ڪرم الله الاهي المعروف پيردلبر سائين پاران عظيم الشان اجتماع بعنوان "عظمت والدين مصطفي' ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي جنهن ڪانفرنس ۾ سنڌ پنجاب بلوچستان جي درگاهن جي سجاده نشينن مشائخ عظام، علماء ڪرام، حفظاء ڪرام جماعت اهلسنت ڪرمي جماعت سميت سياسي سماجي ادبي شخصيتن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ڪانفرنس تقريب دوران پيردلبر سائين جا تصنيف ٿيل "غظمت والدين مصطفي'" ۽ "نبي جا اباڻا" ٻن ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي، ڪانفرنس کي خطاب ڪندي تحريڪ انصارالمسلمين پاڪستان سربراهه پيرمحمد ڪرم الله الاهي قادري المعروف پيردلبر سائين عظيم الشان اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا ۾ والدين کي اهميت حاصل آهي پر نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جا والدين بي مثال ۽ وڏين عظمتن وارا آهن، حضرت عبدالله حضرت بيبي آمنه جن جو ڪوبه مٽ ثاني ناهي، ٻنهي جهانن جو سردار سندن جي گود ۾ آيو اسين خوش قسمت امت منجهان آهيون جيڪو نبي ڪريم صه اسان کي مليو اهو حضرت عبدالله عليه سلام ۽ بيبي آمنه سائڻ سلام الله عليه جن جي پاڪ بدن مان ظهور ٿيا، ان موقعي تي پيرعبدالغفار پيرمنا ثاني، پيرفضل الله الاهي، پيرخليل الله الاهي، پيرعطا الله، پيرشفيع الله، صاحبزاده پير ساجن سائين ڪرمي، صاحبزاده پير منل سائين ڪرمي، صاحبزاده عبدالقادر ڪرمي، صاحبزاده سهڻل سائين، صاحبزاده باقي با الله ڪرمي، صاحبزاده محمد زمان قادري، پيرشمس برقاسمي، مفتي غلام غوث صابري، مفتي مڪرم قادري، مفتي دوست علي جيلاني، عطامحمد ملاح، صحافي ممتاز علي ملاح، صحافي فقير علي محمد ڪنير، غلام جامي ميمڻ، علامه محمد شريف ڪنير، ۽ ٻين عالمن سڳورن سجاده نشينن جماعت اهلسنت تحريڪ انصارالمسلمين جي هزارين ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com